علي اڪبر راهمون

# مسلمانن تي سيڪيولر طرز زندگي

## مڙهڻ جون ڪاوشون

## ۽ ان جي مزاحمت

اهي ماڻهو ڪيترا ڀورڙا ۽ سادڙا آهن جيڪي سمجهڻ ٿا ته اسان جي خدا داد مملڪت پاڪستان جا سياسي، سماجي اڳواڻ، مذهبي عالم، ڏاها ۽ ميڊيا جا ماڻهو عالمي سازش ” سيڪيولر هيومنزم “ جي اثر ۽ چڪر کان بچيل ۽ آزاد آهن. سيڪيولر هيومن ازم هڪ عالمي تحريڪ ۽ سازش آهي، جيڪا رڳو يورپ ۽ آمريڪا تائين محدود نه، پر پوري دنيا ۾ پکيڙي پيئي وڃي، هڪڙي مغربي ليکڪ ” پيٽ ورڪس “ جي لفظن ۾ سيڪيولر هيومنسٽ هڪ وڏي سازش تيار ڪئي آهي، جيڪا نهايت تيزي سان نئين عالمي نظام جي صورت وٺي رهي آهي. مغربي ڏاهو ” بروڪس “ سيڪيولر هيومنسٽ جي سازش تان پردو کڻندي چوي ٿو ته يورپي يونين، وال اسٽريٽ، صيهونيت، عالمي بئنڪ، عالمي مالياتي فنڊ اهي سڀ هن عالمي سازش ۾ مکي ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. اهي سڀ ڪان پهرين مذهب ۽ رياست جي وچ ۾ ديوار کڙي ڪرڻ چاهين ٿا، مذهب ۽ ٻين سيني قدرن کي رياست جي ماتحت ڏسڻ چاهين ٿا، اهڙي طرح هو رياست کي بت بنائي، ان جي پوڄا ڪرائڻ چاهين ٿا، صاف ظاهر آهي ته هن لحاظ کان سيڪيولر هيومن ازم خدا جي حاڪميت جي خلاف بغاوت جو اعلان آهي.

اسان جن حاڪمن جو ن دلچسپيون اقتدار، ان کي ڊيگهه ڏيارڻ ۽ اڪائونٽن ۾ بيلنس وڌائڻ تائين محدود آهن. اسان جي دانشورن ۽ عالمن جي سوچ کي جيڪو علم نوان رخ ۽ لاڙا ڏيئي ٿو سو مغربي ميڊيا جي پروپيگنڊا، تجزين، مقابلن ۽ ڪتابن تان اڌارو ورتل مواد آهي. اسان



جاسياسي سماجي اڳواڻ سمجهن ٿا ته ڪين عهدا ۽ ڪرسيون ڏيارڻ ۾ مدد گار عالمي طاقتن کي خوش رکڻ سان اقتدار ۽ دولت جي گردش سدائين سندن وچ ۾ رهندي. اسان جن مذهبي اڳواڻن جو قطب نما سوئيون پنهنجن پنهنجن مسلڪن جي ملڪي سياست ۾ اٽڪيل آهن. ۽ اسان جي ملڪ جي ميڊيا ته هلي ئي ان سرمايي تي ٿي، جيڪو ڪار پوريٽ انڊسٽري مهيا ڪري ٿي، جنهن جو واحد مقصد ئي آهي مغربي ڪلچر ۽ ان جو لائف سٽائل عام ڪرڻ. جيئن سندن تيار ڪيل سامان جا گهڻي ۾ گهڻا خريدار پيدا ڪري سگهجن. اهڙي طرح ڏٺو وڃي ته مسلمان ملڪن جا اڪثر سياستدان، تاجر، عالم، صحافي ڏاها ۽ مذهبي پيشوا سڀ جا سڀ عالمي ايجنڊا جا مهرا بڻيل آهن. جن کي جتي، جڏهن ۽ جيئن چاهين، تيئن عالمي طاقتون پنهنجيون ايجنڊائون پوريون ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري سگهن ٿيون. هو خوب ڄاڻن ٿيون ته انهن کي ڪڏهن، ڪٿي ۽ ڪيئن استعمال ڪجي. هن سڄي راند ۾ دلچسپ ڳالهه هيءَ آهي ته مهرن جي اڪثريت کي اهو علم به نه هوندو آهي ته ڪو هو ٻين جي هٿن ۾ ڪيڏي رهيا آهن، هو رڳو هل چل ۾ پورا هوندا آهن ۽ پنهنجي پنهنجي جنگ جيتڻ چاهيندا آهن.

ڪو ڀائيندو آهي ته هو پنهنجي رياست بچائڻ جي جدوجهد ڪري رهيو آهي ته ڪو پاڻ کي پنهنجي مسلڪ جي خدمت ۾ مصروف سمجهندو آهي، ڪنهن کي انقلاب جي لوري لڳل هوندي آهي، ته ڪو وري پنهنجن ترقي جي خوابن کي ساپيا ڏيڻ چاهيندو آهي. ڪو سيڪيولر، لبرل ۽ جمهوري قدرن جو غلبو چاهيندو آهي، ته ڪو وري اسلام جي عادلاڻي نظام جي بالادستي لاءِ هٿيار بند جدوجهد تي يقين رکندو آهي، هڪڙي ئي ملڪ جي حدن ۾ ايتريقدر مختلف رستا ڇو؟

اسين جنهن دور ۾ جيئرا آهيون، ان متعلق سردار دوجهان پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي هڪڙي حديث پاڪ صادق اچي ٿي ته رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو! ” اسلام جي شروعات جيئن هڪ اجنبي جي حيثيت ۾ ٿي هئي،تئين هڪڙو ڀيرو ٻيهر اجنبي بڻجي ويندو “ اڄ دنيا

۾ چوطرف نظر گھمائي ڏسو تہ اسلام بلڪل اهڙي طرح ڌاريو ۽ اجنبي لڳي رهيو آهي، جهڙي طرح مڪي ۾ سرڪار دوجهان صلي الله عليہ وسلم جن جي دعوت جي آغاز ۾ هو. ثقافت، تهذيب، معيشت، سياست وغيره مطلب تہ زندگي جي هرشعبي ۾ اسلام جي پيش ٿيل دعوت ۽ تعليمات عجيب غريب ۽ اجنبي لڳي رهي آهي. جهڙوڪر اڄ وري اسلامي تاريخ گھمي ڦري چوڏهن سئو سال پھرئين نڪتي تي پهتي آهي. اڄ دنيا ۾ موجود لائف اسٽائل، سودي معيشت، سيڪيولر جمهوري سياست ۽ لبرل ماڊرن سوسائٽي ۾ اسلام عجيب عجيب، انوکو انوکو ۽ اجنبي مسافر وانگر لڳي رهيو آهي، اڄ پوري دنيا سيڪيولر لائف اسٽائل جي سيلاب ۾ گھيريل آهي. هڪڙي ئي وقت ۾ سيڪيولر معيشت، سياست ۽ معاشرت جو تعليمي نصاب مختلف حربن سان پوري دنيا ۾ نافذ ڪيو پيو وڃي. جنهن رياست ۽ قوم ذرو بہ مزاحمت ڪئي يا ٿورڙو بہ شڪ پيو تہ هتي جا ماڻهو عالمي لائف اسٽائل جو حصو بڻجڻ کان انڪاري آهن، اتي بدترين ڊڪٽيٽرن جي ذريعي ان سيڪيولر هيومنزم کي نافذ ڪيو ويو. ٽيونس کان وٺي پاڪستان ۽ بنگلاديش کان ملائيشيا تائين هرهڪ مسلمان ملڪ کي ڪڏهن ڪنهن ڊڪٽيٽر ۽ ڪڏهن ڪنهن من پسند مهوري حڪمران جي ذريعي پنهنجو تابع بنائي، ان ۾ مغربي ماڊرن سو سائٽي جو لائف اسٽائيل نافذ ڪيو ويو. معيشت ۾ وياجي بئينڪاري جو نظام قائم ڪيو ويو. معاشرت ۾ عورتن جي آزادي، هم جنس پرستن جي حقن ۽ مخلوط تعليمي نظام جي نفاذ ذريعي فحاشي ۽ عرياني کي مسلمانن جي زندگي جو حصو بڻائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي، هن لائف اسٽائل ۽ تهذيب جي خلاف جيڪو آواز اٿيو ان کي پھريائين ميڊيا جي محاذ تي هڪ مهم ذريعي بدنام ڪيو ويو. پوءِ ڀرپور فوجي طاقت سان ان جو بلڪل صفايو ڪيو ويو. افغانستان ۽ عراق ان جا بدترين مثال آهن، مصر ۾ هڪڙن حڪمرانن جي برطرفي ۽ ٻين کي اقتدار ۾ آڻڻ ان طاقت جي استعمال ۽ اظهار جو ٻيو روپ آهي، عرب ملڪن ۽ ٻين مسلمان ملڪن تي مسلسل دٻاءُ وجهي ۽ لٺ چٽ ڏيکاري، من پسند فيصلن تي عمل ڪرائڻ سيڪيولر طاقتن جي زبردستي جو ٽيون طريقو آهي. اهڙي طرح سيڪيولر هيو منسٽ عالمي طاقت هيءَ ڳالھ طئي ڪري ورتي آهي



تہ دنيا جي نقشي تي ڪٿي ڪا بہ اهڙي حڪومت قائم ٿيڻ نہ ڏبي، جيڪا سيڪيولر معيشت، سياست ۽ لائف اسٽائل سان اختلاف رکندڙ هجي.

پر هڪڙي رعايت ڏني وئي آهي تہ هر هڪ مسلمان کي پارٽ ٽائم اسلام جي اجازت آهي. يعني اذان وقت رئو مٿي تي ڪرڻ ۽ مهندي ڊانس وقت اهو مٿي تان لاهي ڇڏڻ، نماز روزو، حج، زڪوات سيني تي ايمان رکڻ، ۽ مسجدون مدرسا ٺاهڻ جي بہ اجازت آهي، پر جهاد کان نفرت ڪرڻي آهي، اسلامي جهاد تي ايمان رکندڙ ۽ ان کي اسلام جو اهم رڪن سمجھندڙ کي دهشت گرد قرار ڏيڻو آهي. مطلب تہ هڪ اهڙو اسلام قابل قبول هوندو جيڪو سيڪيولر لائف اسٽائيل جي وچ ۾ اوپرو نہ لڳي بلڪ گھلي ملي وڃڻ جي صلاحيت رکندڙ هجي. رياستون ۽ مسلمان حڪمران طبقو تہ هن پارٽ ٽائم اسلام جو قائل ٿي چڪو آهي، ڇو جو سندن مفاد هن ۾ آهي. پر پوري دنيا جي مسلمان عوام هن جي خلاف سراپا احتجاج بنجي بغاوت تي لهي آئي آهي. هن لائف اسٽائيل جي جنگ کي هيڪاري چٽو ڪيو. اڄ ٻارهن سالن کانپوءِ خوف جو ڀيانڪ سايو اسلامي دنيا کان مغربي دنيا تائين وڃي پهتو آهي. برطانيا جو شهر برمنگھم جتي هر پنجون ماڻهو مسلمان آهي، جتي ڪجھ ڏيهاڙا اڳ ۾ پارڪ ويو اسڪول ۾ حڪومت جا ٽي انسپيڪٽر وڃي پهتا. هيءَ ڏسڻ واسطي تہ مسلمان ڇوڪريون ڪيتريون حجاب يا پردي وارو لباس پائين ٿيون. ۽ هيءَ ڏسڻ تہ مسلمان مرد استادن ڪيترن سنت اسلامي مطابق ڏاڙهيون رکيون آهي. هيءَ مسلمانن جي اڪثريت واري علائقي جو اسڪول آهي، جيڪو ڏهن مان اٺن طالب علمن کي يونيورسٽين ۾ موڪليندو آهي، اهڙي ڪاميابي ورلي ڪنهن اسڪول کي نصيب ٿيندي آهي.

پراهي سڀ طالب علم ان اسٽائيل لائف کان مختلف هوندا آهن، جيڪو اڄڪلھ عالمي طرز لائف اپنائي رکيو آهي. انڪري انسپيڪٽرن ننڍڙين نياڻين کان آڏي پڇا ڪئي تہ اوهان کي هيءَ حجاب ڪير زبردستي تہ ڪو نہ ٿو پهرائي؟ حجاب پهرڻ لاءِ اوهان جي مرضي جي خلاف تہ ڪير زور ڪونہ ٿو ڀري؟ ايترن اضافي ڪپڙن ۾ اوهان کي گرمي ڪونہ ٿي لڳي؟ اوهان کي ماهواري بابت ڪنهن ڪجھ تعليم ڏني آهي؟ ان کان پوءِ

برطانيا جي اخبارن ۾ خبرون لڳيون تہ مسلمانن پنهنجي علائقي جي اسڪولن تي قبضو ڪري ورتو آهي، جتي اهڙي طرز زندگي ۽ تعليمي طريقو اختيار ڪيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ سندن ٻار برطانيا جي طرز زندگي لاءِ بلڪل اجنبي ۽ انوکا ٿيندا پيا وڃن. هڪڙي رپورٽ مرتب ڪئي ويئي تہ جيڪڏهن اهو سلسلو جاري رهيو تہ هن مان شدت پسندي پيدا ٿيڻ جو خطرو شديد ٿي ويندو. ان کان پوءِ پارٽ ٽائم اسلام کي ڪجهہ ڪجهہ خوبصورت لفظن ۾ هن طرح پيش ڪيو ويو. پارليامنٽ ۽ ميڊيا تان هڪ ئي وقت هڪ آواز گونجيو تہ Islam and Britishim Reconcne

يعني " اسلام ۽ برطانيا ۾ مفاهمت،" پر هتي هن وقت پورو ماحول ڪاوڙ ۽ خوف ۾ ورتل آهي، ڪجهہ ڏينهن پهرين لنڊن جي علائقي ڪول چسٽر جي هڪ پارڪ ۾ هڪ مسلمان عورت کي هن ڪري قتل ڪيو ويو جو اها پوري طرح حجاب ۾ بند هئي، پارٽ ٽائم اسلام موجب اهڙو لباس فقط نماز ادا ڪرڻ وقت پائڻ جي اجازت آهي، هن پارٽ ٽائم اسلام يعني مغرب ۽ اسلام جي مفاهمت جي هڪڙي بهترين علامت ڪجهہ ڏينهن پهرين ايمسٽرڊيم ۾ پڻ ڏسڻ ۾ آئي. ايمسٽرڊيم کي يورپ جو جنسي هيڊ ڪوارٽر ڪوٺبو آهي. جتي جي ريڊ لائٽ ڊسٽرڪٽ ۾ پوري دنيا جون رنگا رنگي عورتون گهرائي ويهاريون ويون آهن. گذريل ڏينهن ۾ اتي هڪڙو اشتهار ورهايو ويو تہ اسان وٽ " حلال طوائفون " پڻ ملي سگهن ٿيون يعني جيڪي شراب، نشي، حرام خوري، سوئر جو گوشت کائڻ ۽ ٻين ناجائز حرام ڪمن کان پارٽ ٽائم اسلام جون قائل آهن.

هڪ اهڙو اسلام جيڪو عالمي سياسي معاشي  سماجي ۽ خانداني نظام ۾ گهلي ملي وڃي، جيڪو سيڪيولر انسان دوستي جو روپ ڌاري وٺي، اهڙي اسلام کي ٻين ملڪن ۾ نافذ ڪرڻ واسطي فوجون لاٿيون وينديون آهن، ۽ طاقت جو استعمال جائز سمجهيو ويندو آهي. انهن ملڪن ۽ قومن تي من پسند ڊڪٽيٽر ۽ آئيني حڪومتون مڙهيون وينديون آهن، پنهنجي مرضي جون هتي اليڪشنون ڪرايون وينديون آهن. ڪرزئي، مالڪي ٽائپ حڪمران عوام تي مڙهيا ويندا آهن.



مغربي تهذيب وارا سياستدان ۽ ڏاها، پارٽ ٽائم اسلام جي ڪيمپ ۾ وينلن کي روشن خيال مسلمان ڪوٺين ٿا ۽ اصلي اسلام، جنهن بابت آقا عليہ الصلوات جن فرمايو هو تہ "اسلام هڪڙو ڀيرو ٻيهر اجنبي ٿي ويندو" جي ڪيمپ  ۾ وينلن کي " بنياد پرست " سڏين ٿا. انهن ٻنهي ڪيمپن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ ڏينهن وڏينهن وڌي رهي آهي. آمريڪا کان وٺي آسٽريليا تائين ۽ يورپ جي ٽيويهن ملڪن مان اهي ماڻهو جيڪي هن لائف اسٽائل جا مخالف هئا، سي سڀ ماڻهو هٿيار بند ٿي ڪري شام ۽ عراق ۾ وڙهي رهيا آهن. افغانستان ۽ يمن ۾ موجود آهن. سامراجي طاقتن ۽ عالمي مالياتي ادارن جي پٺڀرائي سان قائم ٿيندڙ مسلمان ملڪن جون حڪومتون، انهن جا حڪمران ۽ سرڪاري ڪامورا هڪڙي پاسي آهن، تہ ٻئي پاسي اسلام جا سچا سپاهي ۽ پروانا گڏجي رهيا آهن. جيڪي جديديت ۽ سيڪيولرزم کي ڪلم ڪلا رد ڪري چڪا آهن، حقيقت ۾ اها لائف اسٽائل جنهن ۾ هڪڙي پاسي رياستون آهن، جيڪي عالمي سيڪيولر طرز زندگي جي تبليغ ۽ حفاظت لاءِ جنگ وڙهي رهيون آهن، تہ ٻئي پاسي مسلمان عوام آهي، جيڪا سراپا احتجاج آهي ۽ وڏي واڪ اعلان ڪري رهي آهي، تہ جديد سيڪيولر يورپ جو مڙهيل " پارٽ ٽائم اسلام" ڪنهن بہ صورت ۾ قابل قبول ناهي. اها سيڪيولر طاقتن جي سازش آهي، جنهن کي خود مغرب جي هڪڙي ممتاز ڏاهي (ٽم لاهيي) هنن لفظن ۾ کولي بيان ڪيو آهي، تہ سيڪيولرزم انسان دوستي جي اوٽ ۾ خدا دشمن، اخلاق دشمن، ۽ نفساني خواهش کي پورو ڪرڻ جي هڪڙي تحريڪ آهي ۽ سيڪيولرزم جي انسان دوستي واري تحريڪ جي پٺيان شيطاني طاقتور گروهہ جو هٿ آهي. جيڪو عالمي اقتصادي، سياسي ۽ سماجي توڙي فوجي طاقت ۽ ميڊيا جي نيٽ ورڪ تي پورو پورو اختيار حاصل ڪري چڪو آهي.

حاصل ڪلام تہ اسلام کي جديد سامراج ڏاڍو ڪمزور ڪيو آهي. مغربي جديد نظرين کان متاثر مسلمان حڪمران ۽ ڏاها خود مذهب کي سياست کان الڳ ڏسڻ چاهين ٿا. جنهن ڪري اسلام جي مذهبي حيثيت کي سخت نقصان پهتو آهي. اڄ اسلام خود مسلمانن جي معاشري ۾ اجنبي

۽ ڏاريو ٿي پيو آهي. اڄڪلهه جي دنيا ۾ مسلمان مغربي جديد تصورن جو غلام بنجي، ويڳارڙو ۽ روحاني طرح بيمار ٿي چڪو آهي. اڄ مسلمان ڪي ڇا ڪرڻ کپي؟ هن حالت زار جو علاج ڇا آهي؟ منهنجي ناقص عقل ۾ مسلمانن جي هن حالت زار جون واحد علاج ”اسلامي معاشرو قائم ڪرڻ آهي.“



محمد موسيٰ ڀٽو
عنايت الله

# معاشري ۾ موجود فساد ۾
## اسان جو پنهنجو ڪردار

نئين دؤر جو سڀ کان وڏو بحران جنهن ۾ اسان مان گهڻي ڀاڱي هر ڪو مبتلا آهي، سو ذهني دٻاءُ وارو بحران آهي، ماڻهن جو هڪٻئي ۾ شڪ هجڻ، چيڙاڪ هئڻ، خود اعتماديءَ جي کوٽ، ذهني ۽ قلبي سڪون کان محروم هئڻ جو بحران آهي. دانشور هجي يا ڪورو ڄٽ، امير هجي يا غريب، مزدور هجي يا مال دولت وارو، آفيسر هجي يا ڪٽي ڪلارڪ، ڇا اڳواڻ ڇا ڪارڪن، هڙئي هن بحران ۾ ورتل آهن، جيڪڏهن انهيءِ ڳڻتيءَ جهڙي حال جي ڳڻ نه ڪئي ويئي ته گهڻو خطرو آهي ته اسان جو معاشرو به مغربي معاشري جيان نفسياتي مرضن ۾ مبتلا نه ٿي وڃي !!

اصل ۾ معاشري جو اهو سارو فساد انساني نفس جي پرڪارن کي نه سمجهڻ جو نتيجو آهي. انساني نفس، جن جذبن ۽ لاڙن وارو آهي، تن کي سمجهي، انهن کي مهذب بنائڻ جي ضرورت آهي، اها ضرورت ان ڪري به آهي، جو نفسي قوتن کي نه سمجهڻ جي ڪري معاشري ۾ ڏڦيڙ ۽ جهيڙي واري حالت وڌندي ويندي، زال جو مڙس سان جهيڙو ، اولاد جو والدين سان ڏڦير، شاگردن جو استادن سان اڻ بڻت، مولوي جو مولوي سان ٽڪراءُ، سياست وارن جي هڪٻئي سان، ويڙهه ڪارڪنن جي پاڻ ۾ جهيڙو، ڪنهن اداري ۽ آفيس ۾ ڪم ڪندڙن جي ”تون ڇا، مان ڇا “ پئي وڌندي ويندي .

مسئلي جي انهيءَ سنگينيءَ جي ڪري اڇو ته انساني نفس جي ڪساين پڪاين تي ڪجهه غور ڪريون ٿا، انساني نفس جي هڪ خرابي اها آهي ته اهو پنهنجي ذات کي پيارو گهري ٿو، هن جو ٻين سان تعلق جو مدار ئي ان تي آهي ته اهي سندس مفاد ۾ ڪيترو آهن، جي مفاد پورو ڪندڙ

ناهن تہ پوءِ ساڻن ڪو واسطو وڙو ناهي! ڪو مري يا جيئي، بس هن جو مفاد تري! نفس جي اها خرابي هر وقت آڏو هوندي آهي.

نفس جي ٻي خرابي پنهنجو عيب نظر نہ اچڻ آهي، ان ڪي هر وقت ٻين جا نقص نظر ايندا آهن. جيڪي ماڻهو نہ وڻندا اٿس،تن ۾ عيب پيو ڳوليندو، جتي موقعو ملندس، هنن ڪي خوار پيو ڪندو .

نفس جي ٽين خرابي اها آهي تہ هو سڀني ۾ ممتاز ٿي رهڻ گهرندو آهي. هر وقت اهو پيو چاهيندو آهي تہ ٻيا ڪيس عزت ڏين. تعريف ڪن ۽ گهٽ ۾ گهٽ سندس شان ۾گهٽتائي نہ ڪن، جتي ڪٿي ۽ جڏهن تڏهن سندس واکاڻ پئي ٿئي. هو تعريف مان نہ ڍاپندو آهي، جيڪڏهن ائين نہ ٿئي تہ پوءِ احساس ڪمتري جو شڪار ٿي ويندو آهي.

جيڪو سندس تعريف جا ڍڪ نہ ڀري، ان ڏانهن هن جي دل ميري ٿي ويندي آهي ۽ ڪانئس خفا خفا رهندو آهي.

نفس جي چوٿين برائي خود نمائي ۽ شهرت جي بک آهي، پاڻ پڌائڻ جو شوق رهي ٿو، خواهش هوندي آهي تہ منهنجي تعريف ٿيندي رهي، داد ملندو رهي، جڏهن ائين نٿو ٿئي تہ ڪا ڳالهہ نٿي وڻي، جيڪو تعريف نہ ڪري اهو بہ نٿو وڻي .

پنجين خرابي نفس جي، دل دولت ۾ اٽڪيل رهڻ آهي، وڌ ۾ وڌ پئسو ڪمائجي، جاڏئون بہ اچي، پر دولت گڏ ٿيندي وڃي، ٻيا سڀ مقصد پوئتي، اهو اڳتي، بلڪ انهيءَ تان ٻيا سڀ قربان! هوس جي ڪا حد ئي ناهي، هيچ ڪي جهل ئي ناهي، شاهوڪار وڏيڪ شاهوڪار ۽ امير سڀني ڪان وڌ امير ٿيڻ چاهي ٿو، سمورو وقت، ذريعا ۽ توانائيون انهيءَ لاءِ وقف !!

نفس جي ڇهين خرابي مادي حسن تي عاشق ٿيڻ آهي، حسين تصويرون، حسين ماڻهو، مخالف جنس مان جنسي تسڪين حاصل ڪرڻ پڻ نفس جي وڏي خرابي آهي.

اهڙي طرح نفس جي ستين بڇڙائي اها آهي تہ هو پنهنجن مائٽن، يارن دوستن ۽ لاڳاپيل ماڻهن ڪي ترقي ڪندي ڏسي نہ سگهندو آهي، هو انهن ڪي



پاڻ ڪان پوئتي ڏسڻ پسند ڪندو آهي، جڏهن اها خواهش پوري نہ ٿيندي اٿس تہ حسد ۽ ساڙ ٿيندو اٿس.

اسان جي معاشري ۾ جيستائين انهن خرابين جو شعور موجود هو، تيستائين معاشرو بہ گهڻين اخلاقي بيمارين ڪان بچيل هوءِ گهرن ۾ برڪت هوندي هئي، محبت ۽ رواداري جي ٿوري گهڻي فضا هئي، پر هاڻ جيئن تہ تعليمي ادارن ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي طاقتور ذريعن، نفس پرستيءَ جي انهن قوتن جو ادراڪ ۽ احساس ڪسي ورتو آهي، هر شخص پاڻ ڪي خود مختيار بلڪ دانشور سمجهڻ لڳو آهي، تنهنڪري فردن جي انهن نفسي خرابين، قيامت ڪان اڳ قيامت برپا ڪري ڇڏي آهي.

حقيقت ۾ انسان، مادي ۽ روح جو ٺهيل آهي، هي جيڪو مادي نفس آهي، اهو هر وقت مادي يعني دنيا جي مفادن تي موهيندڙ رهي ٿو، جڏهن تہ انساني روح،ماڻهوءَ ڪي مادي ڪان بلند ٿي، محبوب حقيقي جي انوار حسن سان فيضياب ٿيڻ چاهي ٿو ۽ سندس بهتر اخلاق جي گهر ڪري ٿو، ماده پرستيءَ جي عالمگير فضا فردن ۾ نفس ۽ روح جي وچ ۾ اُن ڇڪتاڻ ڪي بہ گهڻي حد تائين ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ڪري مادي نفس جون خرابيون عروج تي آهن.

دنيا ۾ پيغمبرن جي اچڻ جو مقصد جي مختصر لفظن ۾ جاڻائجي تہ اهو چئي سگهي ٿو تہ انساني شخصيت ۾ موجود حقيقي محبوب سان محبت وارن جذبن ( جن ڪي موجوده تعليم ۽ تربيت وارو نظام ۽ مادي ماحول دٻائي ڇڏي ٿو) ڪي بيدار ڪري، الله جي اطاعت ذريعي ارتقائي صورت ڏيڻ آهي، ڇاڪاڻ تہ انساني روح حقيقي محبوب لاءِ بيتاب رهندو آهي، ان ڪري اگر روح جي انهن گهرجن ڪي منڍ ۾ئي بيدارڪرڻ لاءِ ڌيان ڏنو وڃي تہ مادي جي ڇتين قوتن جو آسانيءَ سان مقابلو ڪري سگهجي ٿو.

هن دؤر ۾ اصلاح جو درد رکندڙ ڪيترا ماڻهو معاشري جي صورتحال ۾ بهتريءَ لاءِ حڪومت ۽ حڪومتي ادارن طرف تڪيندا رهندا آهن يا انهن جي ڪوشش جو هدف اهو ئي هوندو آهي، انسانن جي اندر ۾ موجود

هولناڪ خرابين جي اصلاح بنا، حڪومتي ادارن ۾ انقلاب اچي وڃي، انهيءَ حڪمت واري سوچ ٻہ ماڻهن جي اصلاح جي ڪم ڪي دشوار بڻائي ڇڏيو آهي، اهڙي طرح معاشري جي فردن جي اصلاح جو ڪم متاثر ٿي رهيو آهي، عالمي باطل هجي يا مقامي باطل، اهو نفس جو ئي پيدا ڪيل آهي.

نفس جي اصلاح جي لاءِ پروگرام طئي ڪرڻ بنا، نہ عالمي باطل سان مقابلي جي صورت پئدا ٿي سگهي ٿي، نہ وري مقامي باطل سان.

رسول ڪريم ﷺ جو فرمان آهي، مسلمان اهو آهي جنهن جي هٿ ۽ زبان کان ٻيا مسلمان محفوظ هجن.

پاڻ ڪريم ﷺ جن جا اهڙا ڪيئي فرمان آهن. انهن فرمانن جي روشنيءَ ۾ اگر اسين پنهنجي ڪردار جو جائزو وٺون تہ معلوم ٿيندو تہ نفس جي، جن خرابين جو مٿي ذڪر ٿيو آهي، لڳ ڀڳ سموريون اسان ۾ موجود آهن.

اسان نفس جي جنهن طاقتور بُت خاني ۽ خرابين جي مرڪز جي نشاندهي ڪئي آهي، اها نشاندهي دراصل قرآن ۽ سنت مان ورتل آهي. ان ڏس ۾ نموني طور ٻہ ٽي آيتون ۽ حديثون پيش ڪجن ٿيون:

وان تطع اڪثر من في الارض يضلوڪ عن سبيل الله .

(جيڪڏهن تون انهن مان گهڻن ماڻهن جي رستي تي هلندين جيڪي زمين تي رهن ٿا تہ اهي تو کي الله جي رستي کان پري ڪري ويندا).

ولئن اتبئت اهواءَهم بعد ما جاءَڪ من العلم ما لڪ من الله من ولي ولا واق.

(۽ جيڪڏهن تون انهن جي نفساني خواهش جي ڪڍ لڳندين توڙي جو تو وٽ علم اچي چڪو آهي تہ الله جي مقابلي ۾ نہ ڪوئي تنهنجو مددگار ٿيندو نہ ڪو بچائڻ وارو)

رسول الله صلي الله عليہ وسلم فرمايو تہ مجاهد اهو آهي، جيڪو الله جي اطاعت ۾ نفس سان جهاد ڪري، هڪ ٻي حديث ۾ پاڻ ﷺ فرمايائون



تنهنجو سڀ کان وڏو دشمن تنهنجو نفس آهي جيڪو تنهنجي ٻنهي پاسن جي وچ ۾ آهي.

قرآن اسان کي ٻڌائي ٿو تہ هر دؤر جي انبياء ڪرام جي مخالفت ۾ فردن جي نفسي قوتن ۽ نفسي جذبن ئي منفي ڪردار ادا پئي ڪيو آهي.

فرعونين بابت ٻڌايو ويو آهي:

وجحدوا بها واستيقنتها انفسهم ظلما وعلوا .

( انهن ظلم ۽ تڪبر جي ڪري حق جو انڪار ڪيو جيتوڻيڪ هنن جي دليون ان کي مڃي چڪيون هيون )

اهل ڪتاب بابت قرآن ٻڌائي ٿو.

وليزيدن ڪثيرا منهم ما انزل اليڪ من ربڪ طغيانا وڪفرا

( پنهنجي رب طرفان تو تي قرآن جي آيتن جو جيڪو نزول ٿئي ٿو تنهن سان اهل ڪتاب مان ڪيترن جي ڪفر ۽ سرڪشي ۾ واڌارو ٿيندو رهندو).

مولانا رومي جو امت ۾ حڪيمن جي فهرست ۾ سڀ کان وڏو داناءُ ڄاتو وڃي ٿو. تنهن جو چوڻ آهي تہ هر شخص جو نفس فرعون بڻجڻ جي پوري صلاحيت رکي ٿو، پر طاقت ۽ وسيلا نہ هئڻ سبب فرعون نٿو بڻجي سگهي.

مولانا رومي جو اهو بہ چوڻ آهي تہ نفس جي هر ساهہ سان مڪر ۽ فريب جون گهڻيون ئي وارداتون واڳيل آهن ۽ نفس جي ان مڪر ۽ فريب سان فرعونيت ۽ شيطانيت وجود ۾ اچي ٿي.

نفس جي قوت جي باري ۾ اگر اهو چيو وڃي تہ غلط نہ ٿيندو تہ ان ۾ سمورن درندن کان وڌيڪ درندگي موجود آهي. نفس جي طاقت ايٽم بم جي طاقت کان بہ سرس آهي، آخر فرعون صفت انسانن اهوئي ايٽم بم جاپان جي ٻن شهرن تي ڪيرائي لکن انسانن کي ماريو هو تہ اهو ايٽمي استعمال بہ نفس جي ايٽمي قوت سان ٿيو هو. هن وقت بہ انهيءَ نفس وارا عالمي سرمائيدار دولت جي حرص خاطر ڪروڙين انسانن کي بک مارڻ جي ڪڍ آهن!!

# هندو ڏاها

## اسلام جي شاهراه تي

## ڊاڪٽر محمد حذيفه

## (اڳوڻو ڊاڪٽر رام ڪمار)

احمد اواه: السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته .

ڊاڪٽر حذيفه : وعليڪم السلام ورحمة الله وبرڪاتة

سوال: الله سائينءَ جا شڪرانا جو توهين پاڻ هتي هلي آيا آهيو. بابا سائين، توهان جو ذڪر اڪثر ڪندو رهندو آهي، مون کي به توهان سان ملاقات جو شوق هو الحمدالله ملاقات ٿي آهي.

جواب: آئون دهليءَ ۾ ڪنهن ڪم سان آيو هوس. مولانا صاحب جو ته فون ڪونه ٿو اچي، خيال ڪيم ته آئون پاڻ فون ڪري ڏسان ۽ جيڪڏهن مولانا صاحب ڦلت ۾ آهن ته ملاقات ڪري پوءِ موٽان. گھڻن ڏينهن کان ملاقات ڪانه ٿي آهي، سو ان ڪري طبيعت ۾ ڪجھ بي آرامي به هئي، فون ملايم ته خبر پئي ته مولانا صاحب دهليءَ ۾ ئي آهن. مون لاءِ ان کان وڌيڪ خوشي جي ڳالھ بي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي. الله سائين جي مهربانيءَ سان دهليءَ ۾ ملاقات ٿي وئي ۽ رمضان شريف کان اڳ ۾ ئي ٿي، بيقراري به ڏاڍي هئي پر ايمان جي بئٽري چارج ٿي وئي. گھڻا ڏينهن وچ ۾ پون ٿا ته ائين لڳندو آهي جڻ اندر جي بئٽري ڊائون ٿي وئي آهي. الحمدالله ملاقات ٿي وئي ۽ مولانا صاحب سان گڏ هڪڙي پرگرام ۾ به شرڪت ٿي وئي، بيان ٻڌي دل کي ڏاڍو سڪون اچي ويو.

سوال : حذيفه صاحب، مون، توهان سان انهي ڪري به ملڻ چاهيو ٿي جو هتان ڦلت مان اسان جو هڪڙو ماهوار رسالو ارمغان نالي نڪري ٿو ان



لاءِ مون کي توهان کان انٽرويو وٺڻو آهي. ان سان دعوت جو ڪم ڪندڙن لاءِ رهنمائي به ملندي ۽ انهن جو حوصلو به وڌندو ۽ انهن جو ڊپ گهٽجي ويندو.

جواب : هائو احمد صاحب، ارمغان جي ته مون کي خبر آهي، مون مولانا صاحب کي ڪيترا دفعا عرض ڪيو آهي ته ان جو هندي ايڊيشن ضرور ڪڍو، مون مولانا صاحب کي اهو به عرض ڪيو هو ته هندي رسالي جا پنج سئو ساليانا ميمبر آئون توهان کي ڪري ڏيندس، انشاء الله، مون کي ڪنهن ٻڌايو آهي ته سيپٽمبر کان هندي ايڊيشن اچڻو هو پر خبر ناهي ته ڇو نه آيو.

سوال: اهو انشاء الله جلدي ايندو بابا سائين ۽ مولانا وصي صاحب کي به ان جو ڏاڍو اونو آهي. ماڻهن وٽان به ان لاءِ ڪافي گهر ڪئي پئي وڃي .

جواب: خدا ڪري ته اها ڳالھ جلد سچ ثابت ٿئي.

سوال : مهرباني ڪري توهان پنهنجو تعارف ڪرايو؟

جواب : اوپر يوپي جي بستي ضلعي جي هڪڙي ڳوٺ ۾ آئون هڪڙي زميندار گهراڻي اهو سن 1957ع هو،1977ع ۾ انٽر پاس ڪيم، چاچو يوپي پوليس ۾ ڊي ايس پي هو. سندس مرضي تي آئون به پوليس ۾ ڀرتي ٿي ويس. نوڪري ۾ هوندي 1982ع ۾ مون بي ڪام جو امتحان پاس ڪري ورتو ۽ 1984ع ۾ ايم اي ڪيم. يو پيءِ جي55 ٿاڻن ۾ ٿاڻن جو انسپيڪٽر انچارج ٿي رهيس، 1990ع ۾ منهنجو پروموشن ٿيو ۽ آئون سي او ٿي ويس، 1997ع ۾ ٽريننگ لاءِ فلور اڪيڊمي وڃڻو پيو. اتي اڪيڊمي جي ڊائريڪٽر جناب اي اي صديقي صاحب، جيڪو چاچي جو دوست هو تنهن، مون کي ڪرمنالاجي ۾ پي ايڇ ڊي ڪرڻ جي صلاح ڏني. مون موڪل ورتي ۽ سن 2000ع ۾ پي ايڇ ڊي پوري ڪيم. 1997ع ۾ سٺي ڪار ڪردگيءَ جي ڪري خاص پروموشن ڏيئي مون کي ڊي ايس پي جي عهدي تي رکيو ويو ۽ منهنجي پوسٽنگ مظفر نگر جي جاسوس پوليس ڪاتي ۾ ڪئي وئي. منهنجو هڪڙو ننڍو ڀاءُ انجنيئر آهي ۽ هڪڙي ڀيڻ آهي جنهنجي شادي هڪڙي ليڪچرر سان ٿي آهي. خاندان الحمدالله تعليم يافته آهي. آئون

اڄڪلهہ اوپر يوپيءَ جي ضلعي هيڊڪوارٽر ۾ جاسوس پوليس کاتي جو ذميوار آهيان.

سوال : پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌايو؟

جواب : اسان جو خاندان پڙهيل ڳڙهيل هئڻ جي ڪري پنهن جي مسلم دشمني ۾ بہ مشهور رهيو آهي. ان جو سبب اهو هو تہ اسان جي خاندان جي هڪڙي شاخ ڪو سؤ سال اڳ مسلمان ٿي فتح پور هنسو ۽ پرتاب ڳڙهہ ۾ آباد ٿي وئي هئي. اهي پڪا مسلمان آهن. هيڏانهن اسان جي ڳوٺ ۾ چوٽ چاٽ کان تنگ ٿي اٺن دلت خاندانن اسلام قبول ڪيو هو. انهن ٻن ڳالهين جي ڪري اسان جي خاندان ۾ مسلم دشمني تمام گهڻي چوٽ چڙهيل هئي. اسان جي ڳوٺ جي ڪن نوجوانن بجرنگ دَل جي هڪڙي برانچ ڳوٺ ۾ قائم ڪئي هئي جنهن ۾ اسان جي خاندان جا گهڻو ڪري سيئي چوڪرا ميمبر هئا. آئون اهي سڀ ڳالهيون انهي ڪري پيو ٻڌايان تہ توهين اندازو ڪري سگهو تہ ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي مسلمان ٿيڻ لاءِ ماحول ڪيڏو نہ مخالف ۽ ڏکيو هو. پر الله جنهنجو هادي ۽ رحيم آهي سو پنهنجي شان جو ڪرشمو ڪيئن ڏيکاري ٿو. هن مون کي عجيب نموني هدايت جي واٽ ڏيکاري . ٿيو هيئن جو غازي آباد ضلعي جي هڪڙي پلکوهہ ذات وارن جي 9 ماڻهن مولانا صاحب وٽ ڦلت وڃي اسلام قبول ڪيو هو. اهي ماءُ پيءُ، چار چوڪريون ۽ ٽي چوڪرا هئا. هڪڙو چوڪرو شادي شده هو. مولانا صاحب انهن کي ڪلمو پڙهائي مسلمان ڪرڻ لاءِ آيو تہ انهن مولانا صاحب کي ٻڌايو تہ اسين اٺ ڄڻا تہ هينئر ئي ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيون ٿا. باقي وڏو چوڪرو جيڪو شادي شده آهي، تنهن جي زال اڃا مسلمان ٿيڻ لاءِ تيار ڪانهي، جڏهن هوءَ بہ تيار ٿي ويندي تہ اهي ٻئي گڏ ڪلمو پڙهندا. مولانا صاحب انهن کي چيو تہ زندگي موت تي ڪو بہ ڀروسو ڪونهي تنهنڪري هي بہ هينئر ئي ڪلمو پڙهي ڇڏي ۽ زال کي نہ ٻڌائي.جڏهن هوءَ بہ تيار ٿي وڃي تہ هن سان گڏ هي ٻيهر ڪلمو پڙهي ڇڏي. مولانا صاحب انهن سڀني کي ڪلمو پڙهايو ۽ انهن جي فرمائش تي انهن سڀني جا نالا بہ مسلمانڪا



رکي ڇڏيائين ۽ انهن جي چوڻ تي مدرسي جي پئيڊ تي انهن جي اسلام قبول ڪرڻ ۽ انهن جي نون نالن وارا سرٽيفڪيٽ بہ ٺاهي ڏئي ڇڏيائين. ۽ انهن کي ٻڌائي ڇڏيائين تہ قانوني ڪاروائي ضروري آهي، تنهن ڪري حلفي بيان ( قسم نامو ) تيار ڪرائي ڊي ايم کي رجسٽرڊ ٽپال رستي موڪلجو ۽ ڪنهن اخبار ۾ اعلان ڇپارائي ڇڏجو. اهو ڪافي آهي. هي سمورا ماڻهو خوش ٿي اتان موٽي آيا ۽ قانوني ڪاروائي پڪي طرح ڪرائي ڇڏيائون، ٻارن کي مدرسي ۾ داخل ڪرائي ڇڏيائين. وڏيون چوڪريون ۽ مائون ۽ ٻيون عورتون اجتماع ۾ وڃن لڳيون.

مسلمان عورتن کي اها خبر پئي تہ هنن خوشيءَ مان مٺايون ورهائيون، چوڪري جي زال کي بہ خبر پئجي وئي، هن پنهنجي پيڪن کي خبر پهچائي. پوءِ تہ هر هڪ کي خبر پئجي وئي، ماحول گرم ٿي ويو. علائقي جون هندو تنظيمون جوش ۾ اچي ويون. " آج " ٽي وي چئنل وارا بہ اچي ويا. ڏسندي ئي ڏسندي خبر باهہ وانگر چوڌاري پکڙجي وئي." دينڪ جاگرن" "امر اجالا" ٻنهي هندي اخبارن ۾ چار چار ڪالمي وڏيون خبرون شايع ٿيون. جن جون خبرون هن طرح هيون " لالچ ڏيئي ڌرمانترن تي سموري هندو برادريءَ ۾ روش " ، "ڌرمانترن ڦلت مدرسي ۾ ٿيو ". انهن خبرن سان ساري علائقي ۾ گرما گرمي پيدا ٿي پئي، منهنجي پوسٽنگ مظفر نگر ۾ هئي. دفتري ذميوارين سان گڏ مون کي پاڻ بہ ان خبر تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ آئون پنهنجن ٻن انسپيڪٽرن کي ساڻ ڪري ڦلت پهتس. اتي جن ماڻهن سان ملاقات ٿي تن "لاعلمي جو اظهار ڪيو. ٻڌايائون تہ مولانا صاحب ئي صحيح ڳالهہ ٻڌائي سگهي ٿو ۽ اسان کي اطمينان ڏياريائون تہ اسان وٽ هتي ڪوبہ ڪم غير قانوني ڪونہ ٿيندو آهي، مولانا صاحب سان توهان ملو. هو توهان کي جيڪا بہ سچي ڳالهہ هوندي، ٻڌائيندو. مون انهن کي پنهنجو فون نمبر ڏنو تہ مولانا صاحب کان معلوم ڪري ڏيو تہ هو ڦلت ڪڏهن ايندو؟

ٽئين ڏينهن مولانا صاحب جو ڦلت ۾ اچڻ جو پروگرام هو. 6 نومبر 2002ع تي صبح 11 بجي اسين ڦلت آياسين مولانا صاحب سان مليا

سين. مولانا صاحب اسان سان ملي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اسان لاءِ چانهن نيرن وغيره گهرايائين. مولانا صاحب چوڻ لڳو تہ ڏاڍي خوشي ٿي آهي جو توهان اسان وٽ آيا آهيو. اصل ۾ مولوين، ملن ۽ مدرسن بابت تمام غلط پروپيگنڊا ڪيو ٿو وڃي. آئون تہ پنهنجن دوستن ۽ ساٿين کي ورجائي ورجائي چوندو آهيان تہ پوليس وارن، هندو تنظيمن جي ذميدارن، ۽ سي آءِ ڊي، سي بي اي وارن کي وڏ ۾ وڏ مدرسن ۾ سڏائيندا ڪريو بلڪ ٿورن ڏينهن لاءِ انهن کي پاڻ وٽ مهمان ڪري رهايو تہ جئين اهي اسان جي اندر جي حالتن کان واقف ٿين ۽ مدرسن جو قدر سڃاڻن. مون کي خبر پئي تہ توهان وچ ۾ بہ آيا هئا. مون کي بہ هڪڙي سفر تي اتان کان ئي وڃڻو هو پر خيال آيم تہ توهان کي انتظار ڪرڻو پوندو تنهن ڪري آئون فقط توهان لاءِ ئي اڄ هتي آيو آهيان. مولانا صاحب مرڪندي چيو، " مون لاءِ ڪا سيوا هجي تہ آئون حاضر آهيان؟" احمد ڀاءُ، مولانا صاحب، ملاقات جي شروعات ئي اهڙي اعتماد ۽ محبت سان ڪئي جو منهنجي سوچ ئي بدلجي وئي. منهنجي اندر جي ڪاوڙ اڌ کان وڌيڪ ختم ٿي وئي. مون اخبارون ڪڍيون ۽ پڇيم تہ توهان هي خبرون پڙهيون آهن؟ مولانا صاحب ٻڌايو تہ " رات مون کي اخبار ڏيکاري هئائون. مون " امر اجالا ۾" اها خبر پڙهي آهي. " مون چيو تہ توهين ان بابت ڇا ٿا چئو؟ مولانا صاحب ٻڌايو تہ " آئون سنيري سفر تي ويس پئي پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهڻ وارو هوس تہ هڪڙي جيپ آئي. مون کي سفر جي تڪڙ هئي، تنهنڪري مون ساٿين کي چيو تہ هي ماڻهو حضرت جي سان ملڻ لاءِ آيا هوندا، سو انهن کي قاري حفظ الرحمن صاحب ڏانهن موڪلي ڇڏيو". پر انهن مان هڪڙو صاحب مون سڃاڻندو هو، چوڻ لڳو تہ " اسين ٻئي پاسي ڪيڏانهن بہ ڪونہ ٿا وڃون، اسين توهان وٽ ئي آيا آهيون، هي اسان جو ڀاءُ پنهنجي گهر جي ڀاتين سان مسلمان ٿيڻ چاهي ٿو، مهيني کن کان پريشان آهي. " آئون پنهنجي گاڏيءَ مان لٿس، انهن کي ڪلمو پڙهايم، انهن جي وڌيڪ چوڻ تي مون انهن کي اسلامي نالا بہ ٻڌايا ۽ انهن جي اسلام



قبول ڪرڻ جو سرٽيفڪيٽ بہ ڏنم ۽ ٻڌايو مان تہ قانوني ڪاروائي تڏهن ٿيندي جڏهن توهين پنهنجا حلفي بيان قسم ناما، تيار ڪرائي ڊي ايم صاحب کي اطلاع ڏيندا ۽ ڪنهن اخبار ۾ اعلان بہ ڪندا ۽ بهتر اهو آهي تہ ضلعي گزيٽ ۾ ڏيو. انهن مون سان واعدو ڪيو تہ سڀاڻي ئي وڃي ٿا سڀ ڪاروائي ڪرايون. ۽ مون کي خبر پئي تہ انهن اهي سڀ ڪم ڪري ڇڏيا آهن. " مولانا صاحب چيو تہ " اسان جو ملڪ، سيڪيولر ملڪ آهي ۽ ملڪ جي قانون اسان کي پنهنجي مذهب کي مڃڻ ۽ مذهب جي دعوت ڏيڻ جو بنيادي حق اسان کي ڏنو آهي.ڪنهن کي ايمان جي دعوت ڏيڻ، ڪو مسلمان ٿين چاهي ٿو تہ، ان کي ڪلمو پڙهائڻ اسان جو بنيادي قانوني حق آهي. جنهن شيءِ لاءِ قانون اسان کي حق ڏئي ٿو، ان سلسلي ۾ اسين ماڻهو ڪنهن کان ڪونہ ڊڄندا آهيون. ۽ غير قانوني ڪم اسين ماڻهو ڄاڻي واڻي هرگز نہ ڪندا آهيون. ڀلپ ۾ غلط ڪم ٿي پوي تہ ان جي پورائي جي پوري پوري ڪوشش ڪندا آهيون. جيستائين لالچ ڏيئي يا ڊپ ڏيئي مذهب بدلائڻ جي ڳالهہ آهي تہ اها بلڪل غير قانوني شيء آهي. منهنجو خيال آهي تہ اهڙو غير قانوني ڪم ممڪن بہ ڪونهي. مذهب بدلائڻ يا ڪنهن جو مسلمان ٿيڻ، هن جي دل جي وشواس کي بدلائڻ آهي، جيڪو لالچ يا ڊپ سان ٿي ئي نٿو سگهي. توهان کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪو بہ ماڻهو چئي سگهي ٿو تہ آئون هندو ٿيان ٿو يا مسلمان ٿيا ٿو پر ايڏو وڏو فيصلو پنهنجي زندگيءَ جو، ماڻهو پنهنجي اندر راضي ٿيڻ کانسواءِ ڪري نٿو سگهي.

ٻي ان کان سواءِ هيءَ ڳالهہ بہ اهم ۽ ضروري آهي تہ آئون مسلمان آهيان، ۽ مسلمان ان کي چوندا آهن جيڪو سچي ڳالهہ کي مڃي. سيني سچن کان وڏو سچو آهي اسان جو مالڪ ۽ هن جو موڪليل رسول حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم آهي جن جي باري ۾ اها غلط فهمي آهي تہ هو فقط مسلمانن جا رسول ۽ پنهنجي مالڪ جا سنديش واهڪ هئا، قرآن ۾ توڙي پاڻ سڳورن جي حديثن ۾ فقط اها ڳالهہ ملي ٿي تہ هو اسان سيني جي مالڪ

جي طرفان سيني انسانن ڏانهن انتم ( آخري ) ۽ سچا سنديشتا ( رسول ) هئا. هو اهڙا تہ سچا هئا جو سندن دين ۽ سندن جان جا دشمن بہ کين ڪوڙو نہ چئي سگهيا. اٿلو سندن دشمن بہ کين الصادق ۽ الامين جي لقبن سان سڏيندا هئا. اسان جو وشواس آهي تہ هي جيڪو ڏينهن آهي, جنهن کي اسين پنهنجين اکين سان ڏسون پيا, اسان جيون اکيون اسان کي دوکو ڏيئي سگهن ٿيون ۽ اها ڳالهہ بہ ڪوڙ ٿي سگهي ٿي تہ هينئر ڏينهن آهي, پر اسان جي رسول صلي الله عليہ وسلم اسان کي جيڪا خبر ڏني آهي سا بالڪل سچي آهي تہ ساري دنيا جا سمورا انسان هڪڙي ئي ماءُ پيءُ جو اولاد آهي تنهنڪري ساري سنسار جا انسان پاڻ ۾ رت ۾ مائٽ آهن, ڀائر آهن. شايد توهان وٽ بہ ائين مڃيندا آهن ". مون چيو تہ, " هائو اها ڳالهہ تہ اسان وٽ بہ ائين ئي مڃيندا آهن " مولانا صاحب چيو تہ پوءِ اها ڳالهہ بلڪل سچي آهي تہ اسين ۽ اوهين رت ۾ ڀائر آهيون, وڏ ۾ وڏ اهو ٿي سگهي ٿو تہ توهين منهنجا چاچا آهيو يا آئون توهان جو چاچو آهيان پر توهان ۽ اسان جي وچ ۾ رت جي مائٽي آهي. ان رت جي لاڳاپي ڪانسواءِ اهو بہ تہ توهين بہ انسان آهيو ۽ آئون بہ انسان آهيان, جنهن ۾ انسيت آهي يعني محبت آهي, هڪٻئي ۾ ڀائپي جو جذبو آهي, ان مائٽي جي لحاظ کان, جيڪڏهن توهين سمجهوٿا تہ هندو ڌرم ئي فقط مڪتي (نجات ) جي واٽ آهي ۽ موکش جو طريقو آهي تہ, توهين انهي رشتي جو لحاظ ڪندي مون کي هندو بنائڻ جي دل جان سان ڪوشش ڪندا, ۽ ڪرڻ گهرجي. ۽ جيڪڏهن توهين انسان آهيو ۽ توهان جي سيني ۾ پٿر نہ پر دل آهي تہ پوءِ توهان کي تيستائين سک اچڻ نہ گهرجي جيستائين آئون غلط رستو ڇڏي مڪتيءَ جي واٽ تي نہ اچي وڃان ". مولانا صاحب مون کان پڇيو تہ " اها ڳالهہ آهي يا نہ " مون چيو, بلڪل سچ آهي " مولانا صاحب مون کي چيو تہ "" توهان کي سڀ کان اڳ اچي مون کي هندو ٿيڻ لاءِ چوڻ گهرجي, ٻي ڳالهہ اها تہ آئون مسلمان آهيان, ايرندڙ سج جي روشنيءَ کان وڌيڪ مون کي ان ڳالهہ جو يقين آهي تہ اسلام



ئي هڪڙو سڀ کان پهريون ۽ سڀ کان آخري, فائنل مذهب, ۽ مڪتي ۽ موکش يعني نجات جو واحد رستو آهي, جيڪڏهن توهين مسلمان ٿيڻ بنا دنيا مان هليا ويا تہ توهان کي هميشہ لاءِ نرڳ ۾ سڙڻو پوندو ۽ هينئر حياتيءَ ۾ هڪڙي ساه کڻڻ تي بہ ڀروسو ڪونهي, تہ جيڪو ساهہ اندر ڪنيو اٿئون سو ٻاهر اچڻ تائين اسين زنده بہ رهنداسون يا نہ. جيڪو ساهہ ٻاهر ڪڍيو اٿئون سو اندر وڃڻ تائين حياتيءَ اسان سان وفا ڪندي يا نہ ؟ ان حالت ۾ جيڪڏهن آئون انسان آهيان ۽ توهان کي پنهنجو رت شريڪ ڀاءُ سمجهان ٿو تہ جيستائين توهين ڪلمو پڙهي مسلمان نہ ٿيندا تيستائين مون کي آنڌ مانڌ ڪانہ ڇڏيندي. اها ڳالهہ آئون ڪنهن هٽ ناٽ طور نہ پيو ڪريان, هن ٿوري وقت جي ملاقات ڪانپوءِ هن رت شريڪ ڀاءُ جي هئڻ ڪري جيڪڏهن مون کي رات جو سمهڻ وقت توهان جي موت ۽ نرڳ ۾ سڙڻ جو خيال ايندو تہ آئون بي آرام ٿي سڏڪا ڀرڻ لڳندس, تنهنڪري سر, توهين پلڪوهہ وارن جي ڳٽڻي کي ڇڏيو جنهن مالڪ پيدا ڪيو آهي, حياتي ڏني آهي تنهن کي روبرو منهن ڏيکارڻو آهي, تنهنجو خيال ڪريو, منهنجي درد جو علاج تہ تڏهن ٿيندو جڏهن توهين ٿيئي مسلمان ٿي ويندا, تنهنڪري توهان کي ريڪويسٽ ( عرض ) آهي تہ منهنجي حال تي ڪهل ڪريو توهين ٿيئي ڪلمو پڙهو " احمد ڀاءُ, آئون عجيب حيرت ۾ هوس تہ مولانا صاحب جي محبت, جهڙو جادو ڪري ڇڏيو هجي, آئون هڪڙي اهڙي خاندان جو ماڻهو آهيان جنهن کي سُتيءَ ۾ ئي مسلمانن, مسلمان بادشاهن ۽ اسلام سان وير پيا ريو ويو آهي. ۽ آئون پلڪوهہ وارن جي خبر پڙهي حد در جي ڪاوڙ ۾ اچي, ان واقعي ۾ مخالف انڪوائري جو فيصلو ڪري قلت آيو هوس ۽ مولانا صاحب مون کي نہ اسلام جي مطالعي لاءِ چوي ٿو نہ غلط فهميون ٽيڪ ڪرڻ لاءِ چون ٿا, بس سادي سودي طرح مسلمان ٿيڻ لاءِ چون ٿا. منهنجي انتر آتما, منهنجو ضمير جڻ مولانا صاحب جي محبت ۾ بيوس, ٿي ويو هو. مون چيو تہ توهان جي ڳالهہ تہ برابر سادي ۽ سچي آهي, اسان کي

سوچڻو پوندو. پر اهو تمام وڏو فيصلو آهي ايترو جلد ڪرڻ جهڙو ڪونهي، مولانا صاحب چيو تہ ” توهان ۽ اسان سڀني ڪي مالڪ آڏو هڪڙي وڏي ڏينهن تي حساب لاءِ گڏ ٿيڻو آهي، ان وقت توهين ضرور هن سچائيءَ ڪي پاڻ ڏسندا, تہ اهو فيصلو جلدي ڪرڻ جهڙو آيا ان ۾ دير جي گنجائش آهي. ۽ ماڻهو ان ۾ جيتري بہ دير ڪندو پڇتائيندو. خبر ناهي تہ پوءِ زندگي ۾ فيصلي ڪرڻ جي مهلت ملي نہ ملي ۽ موت ڪانپوءِ افسوس ۽ پڇتائڻ ڪانسواءِ ڪجهہ هٿ ڪونہ ايندو. اهو بلڪل سچ آهي تہ ايمان قبول ڪرڻ ۽ مسلمان ٿيڻ ڪان وڌيڪ جلد بازيءَ ۾ ڪرڻ جو ڪو ٻيو فيصلو ٿي نٿو سگهي، هائو جيڪڏهن توهين هندو ڌرم ڪي مڪتي جي واٽ سمجهو ٿا, تہ پوءِ مون ڪي هندو بڻائڻ ۾ بہ توهان ڪي ايتري ئي جلدي ڪرڻ گهرجي، جيتري مسلمان ٿيڻ لاءِ جلدي ڪرڻ جو آئون توهان ڪي چئي رهيو آهيان.

مون خيال ڪيو تہ جنهن وشواس ( مضبوط اعتماد ۽ يقين) سان مولانا صاحب مسلمان ٿيڻ لاءِ چوي پيو. اهڙي اعتماد سان آئون هندو بڻجڻ لاءِ نٿو چئي سگهان. اجان بہ سچي ڳالهہ تہ هيءَ آهي جو اسين ماڻهو پنهنجي سڄي ڌرم ڪي سُئل ٻڌل رسمن تي مدار رکندڙ ڪهاڻين ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نٿا سمجهون. جڏهن اسان جو هندو ڌرم تي وشواس جو اهو حال آهي تہ پوءِ ڪنهن ٻئي ڪي اسين ڪهڙي آڌار تي هندو بڻجڻ لاءِ چئي سگهون ٿا ؟ منهنجي اندر مان جيئن ڪو مون ڪي چئي رهيو هو تہ. رام ڪمار اسلام ۾ ضرور سچائي آهي جو مولانا صاحب جي اندر ايڏو وشواس آهي. مولانا صاحب، ڪنهن ڪنهن مهل خوشامد. ڪنهن مهل ٿورو زور سان ڪيترا ڀيرا اسان ڪي ڪلمي پڙهڻ لاءِ چوندو رهيو. جڏهن مولانا خوشامد ڪندو هو تہ مون ڪي ائين لڳندو هو جڻ ڪنهن زهر ڪائڻ واري ماڻهو يا باهہ ۾ ٽپو ڏيڻ واري ماڻهوءَ ڪي مرڻ ڪان بچائڻ لاءِ ڪو همدرد يا ڪا ماءَ خوشامد پئي ڪري.



مولانا صاحب اسان ڪي هرهر ڪلمي پڙهڻ تي زور ڏيندو رهيو. مون واعدو ڪيو تہ اسين ضرور غور ڪنداسون. اسان ڪي پڙهڻ لاءِ بہ ڪو ڪتاب وغيره ڏيو. مولانا صاحب پنهنجو لکيل ڪتاب, ” توهان جي امانت توهان جي سيوا ۾ “ ڏنو ۽ اسان ڪي سئو سئو دفعا “ يا هادي يا رحيم “، انهي وشواس سان پڙهڻ لاءِ چيائين, تہ مالڪ سائين, واٽ ڏيکارڻ وارو, سڀ ڪان وڌيڪ ديا ( رحم ) ڪرڻ وارو آهي. اکيون بند ڪري جڏهن توهين مالڪ جي انهن نالن ڪي ياد ڪندا تہ توهان لاءِ هو اسلام جو رستون ضرور کولي ڇڏيندو, اصل دلين ڪي ڦيرائڻ جو فيصلو هن اڪيلي جو ئي ڪم آهي“.

مون مولانا صاحب ڪي چيو تہ, ” ماحول گرم ٿي رهيو آهي، بهتر آهي تہ توهين اخبارن ۾ ان خبر جو ڪنڊن (رد ) ڏئي ڇڏيو“ مولانا صاحب چيو تہ ”. مون انهن ڪي ديني ۽ قانوني حق سمجهي ڪلمو پڙهايو آهي. ڪوڙو رد ڪيئن ٿي ٿو سگهي. منهنجي راءِ آهي تہ توهان ڪي بہ ڪنهن سچي ڳالهہ ڪي لڪائڻ نہ گهرجي.“ مون چيو تہ ” چڱو پوءِ اسين پاڻ ئي اهو ڪم ڪري ڇڏينداسين “

اسين موٽي آياسين, منهنجن ٻنهي انسپيڪٽرن مون ڪي چيو تہ” سر ڏٺوَ نہ تہ ڪهڙا نہ سچا ۽ سجن ماڻهو آهن, اسان جي تہ دل جو بار ئي هلڪو ٿي ويو. مولانا صاحب اهڙو تہ ڀلو ماڻهو آهي جو ڪڏهن شانتي لاءِ ان جي سنگتيءَ ( محفل ) ۾ اچي ويهڻ گهرجي، ڪا اجائي ڳالهہ هتي ڪانهي، صاف صاف سڌيون سنيون ڳالهيون آهن.

سوال : توهان اتي ڪلمو ڪونہ پڙهيو؟

جواب: مون گهر وڃي ” توهان جي امانت توهان جي خدمت ۾“ ڪتاب پڙهيو. محبت همدردي ۽ سچائي ڪتاب جي لفظ لفظ مان اڏما ڏئي پئي نڪتي. ڪتاب پڙهي مون ڪي ائين لڳو جڻ مولانا صاحب سان وري ملاقات ٿي آهي. ان ڪان پوءِ ڪيترا ڀيرا دل ۾ مولانا صاحب سان ملاقات لاءِ خيال آيو ۽ اسلام تي لکيل ٻين ڪتابن پڙهڻ جو شوق بہ پيدا ٿيو. مون مظفر نگر

۾ هڪڙي دڪان تان قرآن شريف جو هندي ترجمو ورتو ۽ فون تي مولانا صاحب کان ان کي پڙهڻ جي خواهش جو اظهار ڪيم. مولانا صاحب چيو ”ڏسو قرآن شريف کي توهين ضرور پڙهو پر فقط ۽ فقط اهو سمجهي پڙهو تہ هي منهنجي مالڪ جو موڪليل ڪلام آهي. ۽ اهو بہ سوچي پڙهو تہ هي فقط ۽ فقط منهنجي لاءِ موڪليو ويو آهي، مالڪ جو ڪلام سمجهي پڙهڻ لاءِ سنو آهي تہ توهين اشنان ڪري پوءِ پڙهو، پاڪ ڪلام جو پاڪ نور، پاڪ صاف ۽ ستري حالت ۾ پڙهڻ گهرجي “. ٻن هفتن ۾ مون قرآن مجيد پڙهي پورو ڪيو. هاڻي منهنجي لاءِ مسلمان ٿيڻ جا اندريان سڀ دروازا کلي ويا. مون ڦلت وڃي مولانا صاحب جي اڳيان ڪلمو پڙهيو. مولانا صاحب منهنجو نالو رام ڪمار “ مان مٽائي منهنجي مرضيءَ مطابق محمد حذيفہ رکيو ۽ ٻڌايائين تہ اسان جا نبي سڳورا صلي الله عليہ وسلم پنهنجي هڪڙي صحابيءَ کي رازداري ۽ جاسوسي لاءِ موڪليندا هئا. ان ڪري مون کي اهو نالو ڏاڍو پسند آيو هو.

سوال : ان کانپوءِ اسلام جي وڌيڪ مطالعي لاءِ توهان ڇا ڪيو؟

جواب : مولانا صاحب سان مشورو ڪري، آفيس مان موڪل وٺي جماعت ۾ هڪڙو چلو لڳايم. ساڳئي وقت مولانا صاحب مون کي سختيءَ سان اهو بہ منع ڪري ڇڏيو هو تہ توهين ڪنهن بہ جماعت ۾ پنهنجو پراڻو تعارف نہ ڪرائجو ۽ نڪي پاڻ کي نئون مسلمان سڏائجو. ڇو تہ سچي ڳالهہ تہ اها آهي تہ توهين پيدائشي مسلمان آهيو. اسان جي نبي سائين سچي خبر ڏني آهي تہ هر پيدا ٿيڻ وارو ٻار اسلامي نظرئي تي پيدا ٿيندو آهي، تنهن ڪري هر مذهب ۾ گذاري ويندڙ ٻار کي دفن ئي ڪندا آهن، ساڙيندا وغيره ڪونہ آهن.

توهان پيدائشي مسلمان آهيو ۽ اسان جو وڏو ابو حضرت آدم ع هن ڪائنات ۾ سڀ کان پهريون مسلمان هو. تنهنڪري توهين بہ نسلي مسلمان آهيو.“ جماعت ۾ منهنجو وقت سٺو گذريو اتي ماڻهو مون کي انگريزي گهڻو



پڙهيل پر دينيت تعليم کان بلڪل ڪورو مسلمان سمجهي مون کي نماز وغيره ياد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. گجرات جو هڪڙو عالم اسان جي جماعت جو امير هو. مون چاليهين ڏينهن ۾ پوري نماز ۽ ڪافي ساريون دعائون ياد ڪري ورتيون.

جماعت مان واپس آيس تہ منهنجو ٽرانسفر الاهہ آباد ٿي ويو. پنهنجي الاهہ آباد پوسٽنگ دوران مون پنهنجي زال کي سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو. هوءَ ڏاڍي فرمانبردار ۽ تمام پوري عورت آهي. هن منهنجي فيصلي تي ذرو بہ مخالفت ڪانہ ڪئي، اٽلو هر حالت ۾ منهنجو ساٿ ڏيڻ جو واعدو ڪيائين. مون هن کي بہ ڪتاب پڙهايا. اسان جي شادي کي ڏهہ سال ٿيا آهن پر اسان کي اولاد ڪونهي. مون کيس لالچ ڏياري تہ اسلام قبول ڪرڻ سان اسان جو مالڪ اسان کان راضي ٿيندو ۽ اسان کي اولاد ڏيندو. اولاد نہ هئڻ جي غم ۾ هوءَ ڳرندي رهندي آهي. ان ڳالهہ تي هوءَ خوش ٿي وئي. هڪڙي مدرسي ۾ وڃي کيس ڪلمو پڙهاريم. مون بہ ڏٺي در ڏاڍيون دعائون گهريون ۽ تہ ٻاڏايم رب منهنجا، مون توهان جي آسري تي هن سان واعدو ڪيو آهي، توهين منهنجي آسري جي لڄ رکجو هن کي پلي هڪڙو ئي ٻار ٿئي، پر کيس اولاد ڏيو. خدا پاڪ منهنجو اهو عرض اگهايو يارنهن سالن کانپوءِ اسان کي پٽڙو ڄائو ۽ وري ٽن سالن کانپوءِ نياڻي بہ آئي.

سوال : اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ توهان جي نوڪريءَ ۾ تہ ڪا مشڪلات ڪا نہ آئي؟

جواب : مون الاهہ آباد پوسٽنگ دوران پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ قانوني ڪاروائي هڪڙي هاءِ ڪورٽ جي وڪيل ذريعي ڪرائي. ان سلسلي ۾ مون کي پنهنجي ڊپارٽمينٽ مان اجازت وٺڻ ضروري هئي. مون درخواست ڏني، اسان جو باس هڪڙو دويدي هو. هن مون کي تمام سختيءَ سان روڪيو ۽ ڌمڪي ڏنائين تہ جيڪڏهن تو اهو فيصلو ڪيو تہ آئون توکي سسپينڊ ڪري ڇڏيندس. مون هن کي صاف صاف چئي

ڇڏيو تہ اهو فيصلو تہ آئون ڪري چڪو آهيان. هاڻي واپسيءَ جو سوال ئي ڪونهي. توهان کي جيڪو ڪرڻو هجي سو ڀلي ڪريو. هن مون کي سسپينڊ ڪري ڇڏيو مون الله سائين جو شڪر ادا ڪيو ۽ ٽن چلن جي نيت ڪري هليو ويس. بينگلور ۽ ميسور ۾ منهنجو وقت لڳو ۽ الحمدالله ڏاڍو سٺو وقت گذريو. ان سفر دوران ٽي دفعا حضور صلي الله عليہ وسلم جي خواب ۾ زيارت بہ ٿي. ان جي ڪري تہ مون کي ايڏي خوشي ٿي جو آئون بيان نٿو ڪري سگهيان. چلي تان واپس آيس تہ الله سائين منهنجي سينئر آفيسرن کي نرم ڪري ڇڏيو. لکنئو ۾ هڪڙو مسلمان آفيسر تمام وڏي پوسٽ تي آهي. مون پنهنجو سارو حال ان سان اوريو. هو ڦلت ويل هو ۽ مولانا صاحب کي سڃاڻيندو هو. هن منهنجي مدد ڪئي ۽ مون کي نوڪريءَ تي بحال ڪري ڇڏيو ويو.

سوال : توهان جن ٻنهي انسپيڪٽر ساٿين جو ڇا ٿيو ؟ اهي ٻئي بابا سائين سان ملڻ آيا هئا.

جواب : انهن مان هڪڙي تہ اسلام قبول ڪيو آهي. هن جي گهروارن جي طرفان هن تي ڏاڍيون تڪليفون آيون. هن جي زال ڪيس ڇڏي هلي وئي. پر هو مضبوط ٿي بيٺو رهيو. الله هن لاءِ حالتون هوريان هوريان ٺيڪ ڪيون. هن جا ڪجهہ همدرد پيدا ٿي پيا جيڪي اندران اسلام لاءِ تيار آهن. پر پنهنجي ساٿيءَ جون تڪليفون ڏسي ڊنل آهن.

سوال : توهان پنهنجي خاندان وارن تي بہ ڪا ڪوشش ڪئي؟

جواب : الحمد الله ڪم هلي پيو. انهن ڳالهين جي وڏي تفصيل آهي. منهنجي ٽرين جو وقت ٿي رهيو آهي. وڌيڪ ڪنهن ٻي ملاقات ۾ توهان کي ٻڌائيندس.

سوال : هڪڙي منٽ ۾ ارمغان رسالي جي پاڙهڪن ( پڙهندڙن ) لاءِ ڪو پيغام ڏيو ؟



جواب : اسلام کان وڏي ڪا سچائي ڪانهي. جڏهن اسلام اهڙي سچائي آهي. تہ پوءِ ان کي مڃيندڙن کي نہ ان تي عمل ڪندي ڊڄڻ گهرجي ۽ نڪي ان کي ٻين تائين پهچائڻ کان لنوائڻ گهرجي. ٿوري گهڻي مخالفت تہ ٿيندي. اسان جو مولانا صاحب چوندو آهي تہ اسلام هڪڙي روشني آهي. ۽ سمورا باطل مذهب اونداهہ آهن. اونداهہ ڪڏهن بہ روشنيءَ کي ختم نٿي ڪري سگهي. روشني ئي غالب ٿيندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن جڏهن روشني گهٽ هوندي آهي تہ ائين لڳندو آهي جڻ اونداهہ ڇا نئجي آهي ۽ غالب ٿي ويئي آهي. پر ٿورو سوجهرو ٿيو تہ اونداهہ يڪدم ختم ٿي ويندي آهي.بس آئون تہ اهائي ڳالهہ سمجهان ٿو ۽ اهو ئي منهنجو پيغام آهي. تہ فتح هميشہ روشنيءَ وارن جي ٿيندي آهي. تنهنڪري ڪنهن بہ ڊپ ڊاءَ کانسواءِ اسلام جي دعوت ڏيڻ گهرجي. ۽ بنالالچ جي. سچي همدرديءَ جو حق ادا ڪرڻ جي نيت سان دعوت ڏجي. تہ مون جهڙي ماڻهوءَ کي جيڪو اسلام ۽ مسلم دشمنيءَ ۾ ننڍي کان وڏو ٿيو مخالف انڪوائري جو فيصلو ڪرڻ وارو تنهن کي جيڪڏهن هدايت ملي سگهي ٿي تہ سادن سودن ۽ پورن ماڻهن تي ان جو اثر ڪيئن نٿو ٿي سگهي ؟

سوال : مهرباني! جزاڪ الله .

جواب : چڱو اجازت آهي. السلام عليڪم ورحمۃ الله وبرڪاتہ .

سوال : وعليڪم السلام ورحمۃالله. مهرباني. انشاء الله ٻي ملاقات ۾ احوال جي ٻي قسط ٻڌائجو.

جواب : انشاء الله. ضرور .

**( ماهوار رسالي ارمغان آڪٽوبر 2006 تان ورتل )**

محمد موسيٰ ڀٽو
آمنہ حامد زبيدي

# سنڌ جي ممتاز صوفي شاعرن جي شاعري

## شاهہ ڪريم بلڙي وارن جو ڪلام

## ۽ ان جي تشريح

### تعارف

اسين تتان آئيون، جتي ڪهنبو ناهہ،
جي وڃون ڪنهہ وياهہ، تہ پڻ متي لوئيون،

درويش، وجداني طور تي اهڙي دنيا ۾ رهن ٿا، جتي د نياوي زيب ۽ زينت جي سامان جي ڪا اهميت ڪانهي، ان جي اها حالت آهي جو خوشي جون تقريبون هجن، چاهي غم جون، هو سدائين، فقيراڻي حال ۾ مست رهندا آهن. هنن کي ماڻهن جي حقيرانہ نگاهن جي بہ ڪا پرواه نہ هوندي آهي، بلڪ، انهن کي نفس پرست ماڻهن جي حالت زار تي رحم ايندو آهي، جيڪي حقيقي محبوب کان غفلت ۾ گهارين ٿا، جيڪي، دنياوي خواهشن کي پنهنجو "معبود" بڻائي ان جي "پوڄا" ۾ مشغول آهن.

يقينن اهل دنيا کي، محبوب سان آشنا ڪرڻ ۽ دنيا ۾ محبوب جي راضپي واري زندگي گذارڻ، اهو بہ الله جي عاشقن جو ئي فرض آهي پر انهي فرض جي ادائگي جي "صلاحيت" عشق جي جوهرن مان فيض يابي کان پوءِ ئي حاصل ٿئي ٿي.

ور سا سجي ويڙ، جتي سڄڻ هيڪڙو،
سو ماڳو ئي ڦير، جتي ڪوڙ ڪماڙ هئين.



فقر ۽ افلاس سان گڏ، جيڪڏهن محبوب جو ساٿ ۽ قرب جي دولت ملي سگهي تہ اهو فقر ۽ افلاس، دنيا جي سڀني نعمتن کان افضل آهي، ڇو تہ، جنهن کي محبوب ملي ويجي، ان لاءِ سڄي دنيا جا خزانا بہ حقير آهن، محبوب جي مشاهدي ۽ انوار جي نتيجي ۾ دل جو افلاس ختم ٿي ويجي ٿو ۽ ماڻهو دين ۽ دنيا جي نعمتن سان اهڙو تہ مالا مال ٿئي ٿو، جو سموري دنيا جا شاهوڪار ۽ دولت مند، ان جي دز کي بہ نہ ٿا پهچي سگهن.

محبوب جي انوار جي مشاهدي جي دولت ايڏي عظيم آهي، جو ان جي حاصلات لاءِ توکي کپي تہ تون دولتمندن ۽ نفس پرستن جي صحبت سنگت کان پري رهہ ۽، انهن کان ائين ڀڄ، جيئن ماڻهو شينهن کان ڀڄندا آهن، ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ، دولتمند ۽ نفس پرست، پنهنجي اندر "شر" جي ايڏي گهڻي قوت رکن ٿا، جو اهي ماڻهن جي دلين ۾ طوفان مچائڻ کان سواءِ نہ ٿا رهي سگهن_ انهن جي صحبت ماڻهن جي دين و ايمان کي تباهہ ڪرڻ جو ذريعو بڻجي سگهي ٿي.

شاعر صاحب فرمائين ٿا تہ، ان شهر، ان علائقي ۽ ان محلي کي ئي ڇڏي ڏئي، اتان هجرت ڪر جتي، ماده پرست، نفس جا پوڄاري آباد آهن، صحبت بد کان پري اهڙي ماڳ تي آباد ٿي، جتي ڪٽي، هڪڙو نيڪ دل انسان (سڄڻ) رهندو هجي، صحبت بد جي اثرن جو ذڪر ڪندي مؤلانا رومي فرمائين ٿا،

با بداں کم نشیں کہ صحبت بد
گرچہ پاکی ترا پلند کند
آفتابی بہ ایں بزرگی را
زرہ ابر، ناپدید کند

ترجمو

نفس پرست ماڻهن جي صحبت کان بچندا رهو، ڇاڪاڻ تہ، انهن جي صحبت جي ناپاڪ اثرات کان بچڻ، تنهنجي لاءِ ناممڪن آهي، اگرچہ تون

پاڪباز ئي چو نہ هجين، جيئن سج پنهن جي تيز روشني ۾ چمڪ جي باوجود،معمولي ” ڪڪر “ جي پاڇي سان ڍڪجي ٿو وڃي، تيئن بدصحبت سان، تنهن جي بہ اهڙي حالت ٿي سگهي ٿي.

جي تجريدان نڱئا پيئا ۾ تفريد
ڪن ڪڏهين ٿئي، ڪن ڏهاڙي عيد.

محبوب جي محبت جي دولت ( دست بڪار دل بہ يار ) جي سعادت، انهن خوشنصيب ماڻهن کي حاصل ٿي سگهي ٿي، جيڪي، سيني ڪمن کان يڪسو ٿي، سيني کان ڇڄي ڌار ٿي، محبوب جي ذڪرو فڪر ۾ ان جي ياد ۾ مشغول آهن.

سلوڪ جي دنيا ۾ مبتدي ۽ متوسط جي لاءِ، گهٽ ملڻ ۽ گهٽ ڳالهائڻ جي اصولن جي پابندي لازمي آهي، ان سان ئي اصلاح نفس جي عمل ۾ ترقي ٿيندي آهي ۽ روحاني ارتقا جا مرحلا طئي ٿيڻ ۾ آساني ٿيندي آهي.

پنيورا بہ ٿوڪ، ڪنهن نيا پاڻ سين
سڪڻ سپرين کي، لاڳاپا سين لوڪ.

محبوب جي دنيا جو اهو دستور آهي تہ يا تہ، سيني کان، يڪسو ٿي، محبوب جي انوار جي مشاهدي جي راه اختيار ڪريو يا وري اهل دنيا جي تعلقات جو استحڪام هجي. جيئن تہ اهي ٻئي راهون هڪ ٻئي کان جدا آهن، ان ڪري هڪ ئي وقت ۾ ٻنهي رستن تي نہ ٿو هلي سگهجي، محبوب جي راه، هن ڳالهہ جي تقاضا ڪري ٿي تہ، ماڻهو دنيا تان هٿ کڻي ( دل کي دنيا جي محبت کان پاڪ ۽ صاف ڪرڻ لاءِ ) محبوب جي راه تي پير رکي، جڏهن تہ اهل دنيا جي دوستي، ماڻهوءَ کي دنيا داري ڏانهن راغب ڪري ٿي ۽ اها دوستي هن کي ( محدود ) روزيءَ تي قناعت ڪرڻ بدران ” حب دنيا جو مريض “ بڻائي ٿي ڇڏي. ان ڪري جيستائين، ” الله کان غفلت جي عادت “ جو خاتمو نہ ٿو ٿئي،تيستائين دنيا دارن سان، غيرضروري تعلقات جوڪو رسائيندا_



ونگا ور پاڳن گهور ابتي گهوٽن
سيگڙين پر ڏيؤ وئا ڪڇ چرن.

اهي عارف ۽ عاشق اهڙا آهن، جيڪي دنيا وارن کان، ابتي رستي تي گامزن آهن. هو محبوب سان محبت جي دنيا ۾ خوش گذارين ٿا، دنيا وارن وانگر انهن کي دنيا جي سامان جي ڳٽتي ۽ فڪر لاڳو نہ ٿو ٿئي.

اهي بس هڪڙي ئي فڪر ۾ ٻڏل آهن اها آهي، محبوب حقيقيءَ کي راضي رکڻ جي فڪر_ انهيءَ ۾ هو پنهنجيون توانائيون خرچ ڪن ٿا، جيڪو محبوب جو ٿي وڃي ٿو دنيا ( دولت ) ذليل ٿي، ان جي سامهون اچي ٿي، محبوب جي لازوال حسن جي مشاهدي جي لذت سبب، هو دنيا کي ٺڪرائي ٿو ڇڏي.

نينهن نياپي نہ ٿئي، سڏين سيڻ هون
ڪارين راتين رت ڦڙا، جان، جان نيڻ نہ رون.

” محبوب “ نہ تہ نياپو اماڻڻ سان اچن ٿا، نہ ئي رڳو آرزو ۽ خواهش ڪرڻ سان، بلڪ، محبوب حقيقيءَ سان وصال جي لاءِ، رات جي اونداهين ۾ رت جا ڳوڙها ڳاڙٽا پون ٿا، محبوب حقيقيءَ سان، محبت جي دنيا ئي اهڙي آهي، جتي سالڪ کي ان جي سامهون، رت جا ڳوڙها نذراني طور پيش ڪرڻا پون ٿا ۽ سموري وقت، ۽ سموري توانائيءَ جو هديو پيش ڪرڻو پوي ٿو، ان جي باوجود عاشق کي، اهو خطرو لاڳو هوندو آهي تہ خبر ناهي پرينءَ وٽ اهو هديو قبول بہ پيو يا نہ ؟

سڄڻ منجهہ هئام، مون وينئي واءَ ٿيا
هيڏان، هوڏان هٿڙا، هيئن جاڙ وڏام.

محبوب جون تجليون، هينئر تي منهنجي دل جي اونهاين ۾ موجود هيون، پر ڏسندي، ئي ڏسندي اهي تجليون غائب ٿي ويون، سلب ٿي ويون.

گھڻين ڪوشش جي باوجود، دل محبوب جي انوار حسن جي مشاهدي مان فيضياب نہ ٿي سگهي.

مبتدي ۽ متوسط صوفي جي ان بدلجندڙ قلبي ڪيفيات ڏانهن اشارو آهي،جنهن مطابق هو ڊگهي عرصي تائين " انوار" جي " اچڻ " ۽ "بند ٿيڻ" جي حالت ۾ رهندا آهن،سندن تربيت جي لاءِ، محبوب طرفان، قبض ۽ بسط" جي حالتن مان ڪين لنگهڻو پوي ٿو.

پهرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي هوءَ لهہ
تو هان ڏار نہ سپرين منهن منجهان ئي پاءِ

عارف شاعر سالڪ کي تلقين ڪن ٿا تہ ( پنهنجي هستي مِٽاءِ تہ پنهنجي ربّ تائين رسي سگهين ) پنهنجي جدا گانہ هستيءَ جي احساس کي مِٽائي، انانيت جي بت کي پيچي پورا ڪر، " تون ۽ آئون " جي حجابات کان مٿي اٿي، نفسي قوتن تي ڪاري وار ڪر، ۽ فنائيت جي مقامن کي طئي ڪر تہ، محبوب کي پنهنجي سامهون لهين.

محبوب توکان پري ناهي، ان جي هستي، توکان ڏار ناهي، هو تنهنجي دل جي گهراين ۾ موجود آهي. پنهنجي، "اندر ۾ ٽٻي هڻي، ان کي حاصل ڪر..

ايءَ ڪچائي منجهہ تو، جو تو پانيو ڪچ
جيڪي سنڌو سڄڻين سو سپوئي سچ

اهو تنهن جي اکين جو ڏوڪو آهي،جو توکي، محبوب جي ادا ۾ ڏنگائي ٿي نظر اچي، محبوب جي ڪابہ ادا اهڙي ناهي، جيڪا، حڪمت کان خالي هجي، سالڪ تي جڏهن سخت بي چيني جي حالت طاري ٿئي ٿي ۽ هن کي ڪو رستو نہ ٿو سجهي تہ ان وقت، هن کي، محبوب جي راه تان لوڏڻ وارا خيال گهيرو ٿا ڪن، ايئن، محبوب جي جلالي صفتن جي عڪس کي هو پنهنجي لاءِ مصيبت ٿو سمجهي.



(الله جي طرفان ٻانهي تي، ڪا تڪليف بہ اچي تہ انکي راحت سمجهي ان تي، صبر ڪري، ڇو تہ مالڪ سائين، ڏک ۽ سک جا رنگ ڏيکاري، پنهنجي ٻانهن کي آزمائي ٿو) .

عارف شاعر، فرمائن ٿا تہ= محبوب جي ڪابہ ادا حڪمت کان خالي ناهي، محبوب جي هيبت جي ادائن کي سهڻ جي همٿ ڏار تہ انعام ۾ توکي محبوبن طرفان دائمي وصال جي نعمت عظميٰ حاصل ٿئي.

اي مجازي ماءَ، جي تو پانيا سپرين،
هاري حقيقي پرين، ڪچو ڪوه ٿئاءِ؟

اي ماءَ! جنهن مادّي حسن کي تو اصلي حسن سمجهي، ان کي"محبوب" جي حيثيت ڏني آهي، اهو تہ، نفس جو فريب آهي، مادي حسن ۾، حقيقي حسن جون تجليون ڪٿي؟ اي نادان ! مادي حسن مٿان فدا ٿي، دنيا سان محبت ڪري پاڻ کي حقيقي پرين ( ربّ سائين ) جي اڳيان، رسوا ۽ شرمندو ڇو ڪيئي؟

ڪرها، ڪاميا، جر الئو ڇو نہ پئو
مون آن گهڻو سيڪارئو سيا لڏو نہ هڙو،

عارف شاعر، ائن کي مخاطب ٿيندي فرمائي ٿو تہ، توهان کي اصلي چشمي مان صاف پاڻي پيڻ کپندو هو،جنهن سان توهان جي، سموري حياتيءَ جي اڄ لهي وڃي ها، پر افسوس! منهنجي گهڻو ( سڏڻ ۽ راغب ڪرڻ ) جي باوجود توهان ( آب حيات ) جي اصل چشمي مان اڄ اجهائڻ ئي نہ ٿا چاهيو، شايد توهان جي قسمت ئي اهڙي هئي.

عارف ۽ عاشق صادق جي اها خواهش هوندي آهي تہ " افراد " مادّي ڪثافتون رکندڙ، غلط پاڻيءَ سان اڄ اجهائڻ بدران، صاف ۽ شفاف اصل چشمي جي پاڻي مان سيراب ٿين تہ جيئن سندن، نہ ختم ٿيندڙ واري اڄ اجهامي پر، ڏک جي ڳالهہ آهي تہ عارف جي گهڻي ڪوشش جي باوجود "افراد " ڪني پاڻيءَ جي تلاءَ ( مادي دنيا جي فاني لذتن ) ڏانهن ڊوڙندا ٿا وڃن ۽ سندن اها

عادت مضبوط کان مضبوط تر ٿيندي وڃي ٿي، عارف، افراد جي هن حالت زار تي افسوس مان ڳوڙها ڳاڙهي، دل سان دعائون ٿو گهري تہ= الله سائين ! عزيزن قريبن ۽ دوست احباب ۽ مسلم امت جي دل جون اکيون کولي ۽ انهن کي سجاڳ ڪرتہ جيئن هو" حقيقت " کي سمجهن.

هي ڪن ڳڌ هٽا وڪٽي ڪن ڪي ٻيا ڳنهيج،
سندي پريان ڳالهڙي تنين سين سٽيج.

فرمائين ٿا تہ = تنهنجي ڪنن جي اها صلاحيت جنهن سان، محبوب جي ڳالهہ ٻڌي سگهين. کسجي وئي آهي، هاڻي تنهنجا اهي " ڪن " انسانن جا ڪن نہ رهيا آهن، بلڪ، اهي گڏهن جا ڪن آهن.

گڏهہ جهڙن انهن ڪنن کي وڪڻي، حقيقي انسانن وارا ڪن خريد ڪر، تہ جيئن محبوب حقيقيءَ جو پيغام ٻڌي ۽ سمجهي سگهين. محبوب جي صدا کي ٻڌڻ جي صلاحيت جو کسجي وڃڻ ۽ ڪنن جو، نور سان ڀرپور آوازن جي گونج ٻڌڻ جي صلاحيت کان محروم هجڻ سيني انساني جوهرن کان محروم ٿيڻ جي برابر آهي، ڇو تہ ڪن، دل جي جوهرن تائين رسائي جو ذريعو آهن ۽ دل جي سازن وڄائڻ جو ذريعو پڻ. جڏهن ڳن ئي لطافت کان محروم ٿي وڃن تہ سڄي عمر ٻڌندو رهڻ جي باوجود محبوب جي آوازن کي ٻڌڻ جي صلاحيت باقي نہ ٿي رهي_

منڊ مَ منهہ ويهہ، اٿي اوپڙ اُس ۾
تو سيئي سيڻ ڪيا، ڏور جنين جو ڏيهہ.

( روحاني معنيٰ ) اي محبت جا پانڌيئڙا! توکي آرام ۽ آسائش نہ ٿي سونهين. سردي هجي يا گرمي، توکي تہ، هر حال ۾، محبوب جي راه تي هلندو رهڻ گهرجي، هن ڳالهہ جو انتظار تہ حالتون سڌرن تہ محبوب ڏانهن ويندس يا سيني کلڻ واري حالت غالب هجي تہ سفر اختيار ڪجي، غلط آهي، تو جنهن هستيءَ کي پنهنجو محبوب بڻايو آهي، ان جو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ توکي همت ۽ پوري طاقت سان محنت ڪرڻي پوندي ۽ هر طرح جي حالات



۾ محبوب جي راه تي رڙهندو رهہ، من اڳيرو ٿي پوين" باقي هن سفر ۾ ٽڪجي ويهي رهڻ ۽ حالتون سڌرڻ جو انتظار ڪرڻ توکي نہ جڳائي.

( لفظي معنيٰ= اي نادان ڇوڪري ( منڊ ) تون ڇَني يا منهہ جي ڇانوَ ۾ بي فڪريءَ سان نہ ويهہ، اٿي اس ۾ محنت ڪر ( يا سفر ڪر ) تہ جيئن منزل تي پهچي سرخرو ٿئين، ڇو تہ تنهنجي ساهورن جو ديس پري آهي.)

جي لياڪ لوڪ ڏانهن جان، جان سي نہ لتاءِ
تان، تان ٿيئي نہ ماءِ، پورو پسڻ پرينءَ جو.

روحاني معنيٰ = جيستائين محبوب سان يڪسوئي حاصل نہ ٿي ٿئي، ۽ " عام ماڻهن سان رابطا ختم نہ ٿا ٿين، اوستائين، محبوب جي حسن جا انوارحاصل ڪرڻ جي صلاحيت مستحڪم نہ ٿي ٿئي، ۽ محبوب جو قرب حاصل نہ ٿو ٿيئي.

لفظي معنيٰ = جيستائين دل جي جهروڪن ( ڳڙڪن ) کي لنبي ( لتائي ) بند نہ ڪندين، ( دنياوي خيالن کان پاسو نہ ڪندين ) تيستائين دل جي آئيني ۾ پرينءَ جو جلوو پوري طرح پسي نہ سگهندين" )

امڙ! ڪوءِ گهروءِ، مونهان ساڻڙو وڃي نڪرئو،
هينئڙو ڏيئي وٺ جيئن، مون جئن تان نہ ٻرئوءِ

عارف شاعر هتي، راه محبت جي سالڪ جي جذبات جي ترجماني ڪندي چون ٿا تہ، اي امان ! دنياوي سازو سامان، آسائش واري زندگي ۽ گهر، جي اهڙي سجاوٽ، جنهن جي ڪري محبوب جي ياد کان غفلت ۽ ان جي ذڪر کان ڪوتاهي جي ڪري ان جي " انوار حسن " کان محروم ٿيڻو پوي، اهڙي، عيش و عشرت واري سامان تي لعنت هجي، مادّي حسن ۽ دنياوي سامان سان تنهنجي رغبت ۽ حبّ ڏسي لڳي ٿو تہ، تنهنجي دل ۾ عشق جي باهہ جي چڻنگ اڃان دکي ناهي.

آتش عشق جي سڀ کان وڏي خصوصيت اها آهي ته، " فرد " جي چاهتن ۽ پسند ناپسند جو معيار، حقيقي محبوب جي چاهت ۽ ان جي پسند جي معيار ۾ بدلجي وڃي، هر اها شئي جيڪا، محبوب حقيقي کان پري ڪرڻ، ان جي ياد کان غافل ڪرڻ ۽ ان جي حڪمن تي هلڻ کان روڪي، انڪان پاسو ڪرڻ، فرد تي لازم آهي. محبوب جي هر ادا ۽ هن جو هر حڪم هن لاءِ نئين حياتيءَ جي، حيثيت ٿو رکي، محبوب جي ذڪر جي انوار کان سواءِ ان جي زندگي زهر بڻجي وڃي ٿي.

چوريءَ پاهت ڳجهه سين پڌر ناهه ارٿ
ڀرين پاڻ لڪائين، تهان پوءِ وٿ

شاعر صاحب، راه حق جي سالڪ کي تلقين ڪن ٿا ته هن کي، راه محبت ۾، چورن وانگر هلڻ کپي ۽ انهن جهڙي خصلت ڌارڻ کپي. چور جي ڀرين خصوصيت اها آهي ته هو پاڻ کي لڪائين ٿا ۽ ماڻهن کان لڪندا ٿا وتن، انهن جي سڄي وارادات لڪل هوندي آهي. انهن جي ٻي خاصيت اها آهي جو چوريءَ جو سامان پوشيده رکن ٿا. ڪنهن تي به ظاهر ٿيڻ نه ٿا ڏين ( راه محبت جي سالڪ کي به سڀ کان ڀرين "پاڻ"کي لڪائڻ کپي.پنهنجي خود پرستي ۽ انا جي " نفي" ڪرڻ کپي ) محبوب سان پنهن جي محبت جي تعلق کي لڪائي، ماڻهن کان پاسيرو ٿي، ذڪر ۽ فڪر جو اهتمام ڪرڻ گهرجي، تنهن کان پوءِ، جيڪڏهن "ڪشف"۽ " الهام" وغيره، حاصل ٿئي ته، محبوب جي انهن رازن جي پرده پوشي ڪرڻ گهرجي.

سڪان جي نه سٽين پارانيا پرين جا
سي ساٽي نه ٻجهڻا، جي تنين کي ڏين.

اهي افراد، جيڪي، فطرت ۾ موجود، " محبوب جي محبت " جي فطري تقاضا کي نه ٿا سمجهن ۽ دل جي گهراين مان نڪرندڙ، محبوب جي صدائن کي اهميت نه ٿا ڏين. انهن کان اها اميد ڪيئن ٿي رکي سگهجي جو هو، محبوب حقيقيءَ ڏانهن سڏيندڙ دل جي صاحبن ۽ سچن عاشقن جي پيغام



کي دل جي اکين سان ٻڌندا... عاشق پنهنجي دل جي حال ۽ زبان قال سان پنهنجي ساٿين ۽ سڄاڻپ وارن سان سراپا سوز بڻجي، اهو پيغام ڏيندا رهن ٿا ته هو " محبوب سان محبت" واري ( فطرت جي سڀ کان طاقتور گهر) جي تسڪين جو انتظام ڪن پر... " مادي حسن " ۽ فاني دنيا جي ڏوڪن ۾ ٻڌل ماڻهو سچن عاشقن جي هن پيغام کي ٻڌو اڻ ٻڌو ٿا ڪن، ان جي سزا جي طور تي اهي"متاع الغرور" تي فدا ٿيندڙ انسان، بيرحم مادي قوتن جي دٻاءَ جي اثر هيٺ، اڻ ڳڻت، روحاني ۽ جسماني بيمارين جو شڪار ٿي وڃن ٿا. ڪين "روحاني ۽ جسماني" مرضن ۾ مبتلا ٿي، موت کي منهن ڏيڻ ته قبول آهي پرمحبوب حقيقيءَ جي محبت جي ڇانوَ ۾ اچي، ٻنهي جهانن جي سعادت واري حياتي پسند نه آهي. عاشق صادق، فردن جي هن رحم جوڳي حالت تي رت جا ڳوڙها ڳاڙيندا رهن ٿا.

ڳالهه اها ئي هيڪڙي، جا مون ڪالهه ڪئي
پينر ڪيم پٽڪئو ٿيندي تان نه ٻئي،

چون ٿا ته، نه رڳو اهو ته، منهنجي لاءِ، درد عشق جي دنيا کان، هڪ پل لاءِ به جدا ٿيڻ ناممڪن آهي، پر، توهان جي لاء به، مون وٽ اهو ئي پيغام آهي ته، " ماديت جي هن طوفان ۽ نفس پرستيءَ جي موجن " سان مقابلو ڪرڻ لاءِ ذهن ۽ دل تي پوندڙ هر طرح جي دٻاءَ کان بچڻ لاءِ توهان، محبوب حقيقيءَ جي راه اختيار ڪريو ان جي دستور کي پنهنجي زندگيءَ جو دستور بنايو. ان جي محبت ۾ سرشار ٿي وڃو. مون ڪلهه به توهان کي اها ئي ڳالهه چئي هئي، اڄ به توهان لاءِ مون وٽ اهو ئي نياپو آهي ته هن، هڪڙي " آقا " کان سواءِ ٻين سڀني جي غلامي ڇڏي ڏيو. توهان جي لاءِ ڪاميابيءِ جي ڪنجي انهيءِ ۾ آهي، توهان جي حياتي جي مونجهارن جو حل انهيءَ ۾ آهي.

سچو عاشق، زبان حال ۽ زبان قال سان، پنهنجي دوستن ۽ ملڻ وارن کي لاڳيتو اهو ئي پيغام ڏيندو رهي ٿو ۽، ان لاءِ هو سراپا سوز بڻجي وڃي ٿو. عام

طور تي فرد جي نصيحت قبول ڪرڻ واري صلاحيت جي کسجي وڃڻ ڪري، هن جي هن پيغام کي مسترد ڪيو ويو ٿو.

ٿننڌُ مَ ٿاءِ ڪٿاءِ، ٻوڏ چوني جيءُ چئو
جي ٻانئين پرين مڙان تہ ڏوهنون ڳڻ پاءِ

سالڪ کي تلقين ڪندي چون ٿا تہ هن کي، محبوب جي محبت ڏانهن سڌڻ جي راه ۾ اچڻ وارين سينې تڪليفن کي برداشت ڪرڻ کپي. جي ماڻهو توڪي، برو ڀلو چون تہ ان جي جواب ۾ توکي وڏيڪ محبت سان پيش اچڻ گهرجي. محبت جي راه ئي اهڙي آهي. جتي رواداري، نرمي ۽ صبر کان سواءِ ڪو چاڙهو ڪونهي. محبت سان وصال جي راه. تيسين حاصل نہ ٿيندي، جيسين "نہ ڪيل گناهن جي ذميداري" بہ قبول نہ ڪبي. يعني جيستائين اخلاق جي ان اعليٰ مقام تي فائز نہ ٿيندؤ. جتي معاملات ۾ ٻين کي ڏوهاري سمجهڻ بدران، پاڻ کي قصور وار سمجهندؤ خود احتسابيءَ جي هن منزل تي پهچڻ ڪانپوءِ ئي، محبوب جي وصال جي منزل حاصل ٿئي ٿي.

جي پڇڻا سي نہ منجهڻا، جي پڇين سي وير
جو لڪڻ ۾ ماڙهوئين، سو ڪلڪڻ ۾ ڪير.

اهي افراد جن ۾ سکڻ ۽ سمجهڻ جو شوق آهي ۽ معرفت جي طلب موجود آهي، اميد تہ اهي، زندگيءَ جي راز کان آگاه ٿي ويندا.چاڪاڻ تہ انهن جي اندر "سڪ جي چٽڻگ"موجود آهي، ماڻهن جي اها حالت آهي تہ هو"دل جي صاحبن" جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ کي " عيب " ٿا سمجهن. حالانڪ اها ئي تہ اها خوبي آهي جيڪا دانش جي علامت آهي.

چاڇر چڳيرن گهور نہ اچي گهاتوئين
اکيون انهن سنديون ڪڏا ڪرون پڇن.

عاشق صادقن جي حالت اها آهي جو انهن جون نظرون، درياه بدران، اونهي سمنڊ ڏانهن رهن ٿيون. هنن جي ذڪر ۽ فڪر ۽ مراقبي جي معمولي



خوراڪ تي تسڪين نہ ٿي ٿئي، هو هر گهڙي وحدت جي درياءَ ۾ گم رهن ٿا ۽ انهن تي هر وقت، ذڪر جي انوار جي سر شاري جي ڪيفيت طاري رهي ٿي.

هنج تتهين هوءِ ، اونهي ۾ اوڙاهہ جو
اي ڪانيرو ڪوءِ، جو ڇاڇر ۾ ڇيرون ڪري.

عاشق صادق جو مقام، اونهو سمنڊ هوندو آهي، جنهن ۾ هو ٽٻيون هڻندو رهي ٿو، جڏهن تہ عشق کان محروم ماڻهن جي نظر، رڳو مادي دنيا تي هوندي آهي.هو مادي دنيا کان بلند ٿي "بحر عميق " ۾ ٽٻيون هڻڻ کان قاصر هوندا آهن. مادّي دنيا جي غلاظت جي ڍير تي فدا ٿيڻ واري عادت هنن کي، ماڻڪ موتين واري سمنڊ ڏانهن اچڻ نہ ٿي ڏئي

جي اتر جي لاهہ سڄڻ سپ پرکيا.
ريءَ پنهن جي ڪتئي سپر ٻري نہ ٻاهہ

اسان سڃي سنڌ جون خانقاهون ڏسي ورتيون. عارفن ۽ سچن عاشقن کي آزمائي ورتو. سموري مشاهدي ڪانپوءِ خبرپئي تہ پنهن جي دل ۾ عشق جي باهہ ٻارڻ کان سواءِ چاڙهو ڪونهي. محبوب جي مشاهدي جي جيڪا منزل ذاتي مجاهدن سان حاصل ٿئي ٿي، اها، سموري حياتي رڳو "نظر جي فيض " تي هلندو رهڻ سان نہ ٿي ملي سگهي.

هتي عارف شاعر، هڪ ٻي اهم حقيقت بيان ڪئي آهي، محبوب جي لاءِ ذڪر و فڪر جا مجاهدا ڪرڻ بدران رڳو صحبت جي ذريعي، فيض حاصل ڪرڻ سان، نہ تہ "فنا"جي مقام تائين رسائي حاصل ٿي سگهي ٿي ۽ نہ وري"نفس پروري ۽ نفس پرستي"جي،درجہ درجہ مقامات تان گذري، "انساني نفس" جي وسيع دنيا جي آگاهي ملي ٿي.

"صحبت جي فيض" مان يقينًا گهڻو ڪجهہ حاصل ٿئي ٿو پرسلوڪ جي سفر کي طئي ڪرڻ لاءِ، مجاهدا تمام ضروري آهن. مجاهدن جي لاءِ "آتش عشق " کي مسلسل ٻاري رکڻ ضروري آهي. جيئن تہ صرف اهل

الله جي صحبت مان گھڻو ڪجھ حاصل ٿئي ٿو پر،صحبت جو اصل فائدو تڏهن ملندو، جڏهن ان جي تعليمات جي مطابق، ذڪرجو مزاج "راسخ " ٿيڻ لڳي ٿو، اهل الله کي جيڪو بلند مقام مليو آهي، ان ۾ صحبت سان گڏو گڏ، ذڪر کي بہ فيصلہ ڪن اهميت حاصل رهي آهي.

قرب ڪبرياءَ ماءِ ملاقبي نہ ٿيئي،
صوفيءَ جي صلاح ۾ پورو اي پرياءُ.

اي امان! محبوب جي محبت جي دنيا ۾، " قرب و معيت " ۽ " خود پرستي ۽ انانيت "ٻئي ڳالهيون گڏ نہ ٿيون هلي سگھن.محبوب خالص ۽ کوٽ کان پاڪ محبت ٿا گھرن، ان ۾ ڪنهن ٻي محبت جي ملاوٽ پسند نہ ٿا ڪن. جيئن تہ محبوب حقيقيءَ جي ذات بي پرواه آهي، سموري ڪائنات، هنجي رحم و ڪرم تي آهي، هو اعليٰ عظمت ۽ شان واري هستي آهي، اها " متڪبر" ذات آهي، تنهن ڪري ڪيس "تڪبر" ڪنهن صورت گوارا ناهي، تڪبر جو مطلب خدائي ۾ شرڪت جي دعويٰ ڪرڻ آهي. هن دعويٰ جي سزا اها آهي تہ اهڙن ماڻهن کي " قربت " کان محروم ڪري رسوا ڪيو ويندو آهي .

شاعر وڏيڪ فرمائين ٿا تہ "ڪبر" ۽ "محبوب جي محبت " اهي ٻئي جدا شيون آهن، اهي ٻئي گڏ هڪڙي دل ۾ سمائجي سگھن، ناممڪن آهي، سڀ صوفي انهيءَ ڳالھ تي متفق آهن.

چندن چور ڪريندي، رتو منهن ڪهاڙ
سجڻ ڏجڻ نہ ٿئي، جي رسي سئو وار
پروڙيو پراڙ تہ ڪرهيندي قرب ٿئي.

محبوب حقيقيءَ واري راه اهڙي آهي، جنهنجو سفر ڏاڍو اڙانگو آهي. جيڪڏهن، محبوب جي طرفان روزانو سئو دفعا بہ، ناراضگي ۽ هيبت جا "تير " وسايا وڃن تہ بہ، خوشيءَ سان سٺو وڃي، ڇو تہ اها، محبوب جي "دوري " نہ بلڪ " قرب " جي نشاني آهي. جيئن تہ محبوبن جو دستور



ئي اهو آهي تہ هو جنهن کي، " وصال" جي نعمت سان نوازڻ چاهيندا آهن تہ ان جي " ظرف" جي طاقت وڌائڻ خاطر، پنهنجي " هيبت" جا تير وسائيندا آهن.

سجڻ جان سهو تہ ڪر روح رچنديون
سندو ڪاٺ ڪهو پتو ئي پر سهي.

جيستائين تنهن جي دل جي ظرف ۾ وسعت پيدا نہ ٿي ٿئي، ان ۾ "محبوب جي انوار " کي حاصل ڪرڻ جي، چڱي خاصي " قابليت " پيدا نہ ٿي ٿئي، اوستائين تنهنجي قلب جي ڪيفيات جي مٿان " مت، ست " جو سلسلو جاري رهندو، ڪڏهن " قبض " تہ ڪڏهن " بسط " جي ڪيفيت طاري ٿيندي تہ ڪڏهن " انوار " " وارد ۽ سلب " ٿيندا. جڏهن، هن راه تي هلندي، لڳاتار مجاهدن ڪانپوءِ، انهيءَ قابل ٿي وڃين، جو محبوب جي انوار کي "مستقل طور" سهي سگھين، برداشت ڪري سگھين، محبوب جا ڳجھا راز سنڀالڻ سکي وٺين تہ پوءِ، تنهنجيون اهي، " متجنڌڙ " ڪيفيتون ختم ٿي وينديون، ۽ محبوب حقيقي تو کي پنهن جي انوار حسن جي جلون سان مستقل فيضياب ڪندا. ۽ پوءِ تنهن جي ذريعي ڪيترائي چراغ روشن ٿيندا .

پر ۾ پڇي پرينءَ کي، پسجي پرڏيھ
جتي ساڃن سڀجي ساھ کي سو ساٿيھ

محبوب ڏانهن، دل جي بي تابي ۽ اندر ئي اندر، من جي "اڪير" سان، باطن جو سفر طئي ڪجي تہ جيئن "مادّي دنيا"جي سرحد کان بلند ٿي ڪري، "روحاني دنيا"۾ داخل ٿي وڃجي، جتي، "هن راه ۾" حائل سڀ رنڊڪون ختم ٿي وڃن ٿيون.

" روح " جو اصلي وطن اهوئي آهي، جتي هن کي، پهريان بہ " مشاهدو" حاصل ٿيو هو. " روح جي راه ۾ " اصلي حجابات ( پردا ) " مادّي دنيا جون " محبتون ۽ تقاضا، " آهن ۽، " نفساني قوتون " آهن، انهن مادّي حجابات ۽ نفسي قوتن " جي

ڦند مان ڇوٽڪارو ملي ٿو، " روح " جي لاءِ پنهن جي " وطن " تائين پهچڻ آسان ٿئي.

سڏ نہ سلامي ٿئا، وهي نہ ورئا جي
هاڻي تني کي، ناهي ماڳ ملير ۾.

جيڪي، گهڙي گهڙي نياپو موڪلڻ کانپوءِ بہ نہ آيا، جيڪي، وقت سر " رجوع "نہ ٿيا، انهن لاءِ هاڻ هن دنيا ۾ ڪا بہ گنجائش باقي ناهي، اهي افراد جيڪي، فطرت ۾ موجود، محبوب جي صدائن ۽ پيغام کي ٻڌڻ جي سگهہ نہ ٿا رکڻ ۽ ٻڌڻ کانپوءِ بہ، انهن آوازن کي لاڳيتو دٻائيندا رهن ٿا. جيڪي قيمتي زندگي، مادّي حسن جي محبت ۾ ضايع ڪن ٿا، ( ائين ئي ڏوڪي جي دنيا ۾ پاڻ کي وندرائي ) وڃي موت مقابل ٿين ٿا، انهن ماڻهن جي حالت رحم جوڳي آهي، انهن جي لاءِ هاڻي، محبوب حقيقيءَ جا دروازا نہ ٿا کلي سگهن.

( محبوب " جي " حب " بدران جڏهن، " دنيا جي حب " دل ۾ گهر ڪري وٺي، الله سائينءَ جي ياد کان غفلت ۾ گهارڻ، فرد جي عادت بڻجي وڃي ) تہ پوءِ هن عادت کي مٽائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، هاڻي، محبوب حقيقي ڏانهن اچڻ ۾، هٿ پير، ڪن، اکيون ۽ دل وغيره سڀ ، شدت سان مزاحمت ڪن ٿا ۽ راهہ ۾ رڪاوٽ بڻجن ٿا.

پاڻيءَ اتي جهوپڙا، مورک اُڃ مرن
دانهون ڪن مُنن جيئن، دم نہ سڃاڻن

ماڻهن جي حالت اهاآهي جو سندن، جهوپڙن جي سامهون پريل درياهہ ٿو وهي، شديد اڃ سبب دانهون تہ ڪن ٿا پر، درياهہ جي پاڻيءَ مان اڃ اجهائڻ جي صلاحيت نہ ٿا رکن، ( ايترا تہ نادان آهن جو ) معذور ۽ بيوس ماڻهن وانگر، پاڻي، پاڻيءَ جون صدائون بلند ڪرڻ کي ڪافي ٿا سمجهن، آب حيات جو چشمو دل ۾ موجود آهي، محبوب جي " حسن جا انوار " جنهن،



سان سموري حياتيءَ جي اڃ اجهامي سگهي ٿي، اهي دل جي اونهاين ۾ موجود آهن، بس صاحبان دل وٽ وڃي، دل جا بند تالا کولي، محبوب جا "انوار" جاري ڪرائڻ جي توفيق حاصل ناهي، اهڙي طرح زندگيءَ جو قيمتي سرمايو ( وقت ) پاڻي، پاڻيءَ جو دانهون ڪندي وڃائي ٿا ڇڏين، ( پنهنجي چوڌاري نگاهہ وجهي ڏسو توهان کي تقريبًا هر ماڻهو پنهن جي حالات مان " غير مطمئن " نظر ايندو، دنياوي آسائشن جا انبار هوندي بہ بي چين ۽ بي سڪون نظر ايندو، ڊپريشن جو شڪار ۽ نفسياتي دٻاءَ ۽ مونجهارن ۾ مبتلا ڏسڻ ۾ ايندو سبب، رڳو اهو هڪڙو ئي آهي " اسان جي روح اڃايل آهي " ڪيس اصلي غذا نہ ٿي ملي " ۽ اسان کي دانهون ڪرڻ کان سواءِ ڪجهہ اچي نہ ٿو بجاءِ ان جي جو هن، " ڪمزور " روح کي قوت وٺائڻ لاءِ ڪو بندو بست ڪجي رڳو شڪايت ڪرڻ سرا سر ناداني آهي. )

ڪارين ڪنين ڪڪڙين، ڪرهہ واڙ وڃن
ويلو ڪن نہ وڃ تي، نہ ڪي اوڳار پچن.

سچن عاشقن جي اها حالت آهي، جو هو محبوب جي لاءِ لاڳيتو مجاهدا ڪرڻ ۾ مشغول آهن، سندن مجاهدن جو سفر، بنان رڪاوٽ جي جاري آهي، ان ۾ وقفو اچڻ نہ ٿا ڏين. عاشقن تي اهڙو ذوق ۽ شوق طاري هوندو آهي جو هو ورهن تائين، راتو ڏينهن، " ذڪر " جي حالت ۾ رهن ٿا، ٿڪجڻ باوجود، هو غفلت جي ننڊ نہ ٿا سمهن، " محبوب حقيقي " انهن جي حوصلي ۽ همت کي ڏسي نيٺ " فناءِ نفس " جي مقام سان پهچائي پنهنجي ياد تي هميشہ قائم رهڻ " واري سعادت عظميٰ کان فيضاب ڪن ٿا.

سوئي صلح سڄڻين، سوئي ڦوڙائون
والله خير الماڪرين، ايهي ميڙائون.

محبوب جي محبت جي علامت،قبض وبسط "جون "جلالي ۽ جمالي" صفتون ئي آهن. محبوب جن کي پنهنجي وصال جي عظيم دولت عطا ڪرڻ چاهين ٿا، ان مٿان، ڏگهي عرصي تائين " قبض ۽ بسط " جون حالتون طاري فرمائيندا رهن

ٿا. پاڻ سان " حب " رکڻ وارن جي لاءِ " محبوب " جي اهائي ادا آهي ( الله بهترين تجويز ڪرڻ وارو آهي ) ان سان وصال جي اهائي صورت آهي. محبوب جي هيبت ۽ بسط "جي ڪيفيات مان گذرڻ ڪانسواءِ ان جي "قربت ۽ معيت" جي اميد رکڻ, فضول آهي. سچن عاشقن کي, " دنيا ومافيها" کان بي نيازي ۽ رڳو الله جي چاهت ۽ ان جي " ذڪر ۽ ياد " جي مسلسل ڌيان جي نعمت جيڪا عطا ٿئي ٿي, اها, "صبر آزما مجاهدن" جي بدولت . خاص فضل سان ئي عطا ٿئي ٿي.

مورک مور نه ٻجهڻا, هيڏان, هوڏانهن ڪن
ڪتر جن اکين ۾, سي ڪيئن پرين پسن؟

معرفت کان عاري, انسانن جي اها حالت آهي جو سندن " دل جي اکين" تي پڙدو پيل آهي ۽ انهن جي ڏسڻ جي طاقت گهٽجي وئي آهي. هاڻي هنن جي لاءِ, " محبوب جي محبت جي دنيا " ڏانهن ويندڙ " رستو " اختيار ڪرڻ ڏکيو آهي. تنهن ڪري, اهي نادان, املھ حياتيءَ جو سرمايو فضول ڪمن ۾ ضايع ڪري رهيا آهن.

محبوب جي " انوار حسن " جي " مشاهدي جي حامل دل "جي صلاحيت ضايع ڪرڻ ڪانپوءِ پڇتائڻ ڪانسواءِ ڇا بچندو؟ اهڙا "صاحب علم ۽ عقل "افراد, عام ماڻهن جي مقابلي ۾ وڌيڪ رحم جي قابل آهن. ڇاڪاڻ ته, عام طور تي " دعوي ۽ علم ۽ عقل ڪل " هجڻ جو غرور ئي انهن کي, محبوب حقيقيءَ کان پري ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿو علم ۽ عقل کي ته " محبوب سان قربت" جو موجب هجڻ گهرجي پر, بد قسمتي سان, الله جي انهن بنهي نعمتن کي,الله سائينءَ کان "دوريءَ" جو ذريعو بڻايو ويو آهي. انهيءَ "علم و عقل" جي خوبين سبب, پاڻ کي "ڪا شئي سمجهڻ" ۽ خودپرستي جو ذريعو بنايو وڃي ٿو, جيڪو انسانيت جو وڏو " الميو " آهي.

ڪاڪ وٽن ساڻ, اوٺين نه اورانگهي
جي ڳڻ هون گهڻا, ته به راڻا روئنداوئا.



عاشق صادق, سچي حياتي جي مجاهدن ۽ بحر"وحدت" ۾ "غوطه زني" جي باوجود " بحروحدت "جي ڪجھ حصي تائين به رسائي حاصل ڪرڻ ۾ . ڪامياب نه ٿي سگهيا, جيتوڻيڪ اهي "جوهري " هئا, ته به, محبوب حقيقيءَ جي " شان عظمت " جي مشاهدي سبب رت جا ڳوڙها ڳاڙيندا واپس ويا, " محبوب جي هستي " جنهن شان ۽ عظمت جي مالڪ آهي, اها, " لازوال حسن " جي جنهن خزاني جي حامل آهي, عاشق صادق پوري حياتي جي مجاهدن جي باوجود, هن " بحروحدت " جي قطري تائين به نه پهچي سگهيا, سمونڊ کي ڏسڻ جي باوجود, ان جي لامحدود, " وسعت ۽ اونهاين "جو ادراڪ" ناممڪن آهي .

جاڳي, جاڳي سسئي, جا هيجا هٿ وڌاءِ
تا سجي سيج پرينءَ ري, پنهون پٽر ناهه,
نڪرندي ڇپاءِ, گهوڙا گهر نه سپرين.

عاشق, رات جي وقت, جاڳي, مراقبي جي حالت ۾, " محبوب " جي جن انوار کي شدت سان محسوس ڪري ٿو, سمجهي ٿو ته اهي, انوار حسن محبوب جائي تي سگهن ٿا پر, جيئن ئي هو مراقبي جي حالت مان ٻاهر اچي ٿو ته ڪيس محبوب نظر نه ٿا اچن ۽, مراقبي جي حالت ۾ محسوس ٿيڻ وارا انوار به ان کي, نظر نه ٿا اچن,"مبتدي" ۽ متوسط " سالڪ جي ان حالت ڏانهن اشارو آهي ته هو, " انوار " اخذ ڪرڻ لاءِ, جيتري به ڪوشش ڪن ٿا, ڪين تسڪين نه ٿي ملي, بيچيني وڌي وڃي ٿي, ان جي دل جي " اڃ " ڪنهن طرح نه ٿي اجهامي.

سا ڪيو سائي ڪن, سپريان جي ڳالهڙي,
هڪڙيائي سڪيا, ٻي به اجهي تن,

"محبوب جي ادائي حسن " عاشقن کي ايترو فدا ڪري ڇڏيو آهي جو سندن,) واتان رڳو محبوب جون ئي ڳالهيون پيون نڪرن. محبوب سان محبت ۽ سندس ذڪر ڪانسواءِ ٻي ڪنهن ڳالھ کان هو واقف ئي ڪونهن,

پنهنجي واقفڪارن ۽ پاڻ ڏانهن اچڻ وارن لاءِ وٽن، هڪڙوئي پيغام آهي ته، " محبوب جيڪو سندن شھ رڳ کان به ويجهو آهي، جنهن محبوب جي اڳيان سڄي ڪائنات جو ذرو ذرو سجده ريز آهي، جيڪا سيني وسائل ۽ سمورن خزانن جي مالڪ هستي آهي، ان جي درد عشق جي دنيا ۾ داخل ٿي، سڄي ڪائنات سان هڪ آهنگ ٿي وڃجي، اهو رستو اختيار ڪرڻ سان، دنيا ازخود " ذليل ۽ حقير " ٿي ان جي سامهون پيش ٿيندي .

عاشق وٽ انهي، راز حيات ڪانسواءِ ٻين ڪي ٻڌائڻ لاءِ ٻي ڪا ڳالهه ئي ڪانهي، سندن زبان تي بس اهو هڪڙوئي تذڪرو رهي ٿو.

وائي ويچيم شال، ڪنين سين ڪين سڻان
پلو ڪري پال ته اکين سين انڌوٽيان

بس اهائي خواهش اٿم ته، محبوب حقيقيءَ سان استغراق جي حالت ۾ رهان ۽ ڳالهائڻ جي سگهه هلي وڃي، محبوب کان سواءِ ٻيون صدائون ٻڌڻ جي صلاحيت به جهڪي ٿي وڃي ۽ اهي " اکيون " جيڪي " محبوب " جي مشاهدي جي راه ۾ رڪاوٽ آهن انهن جي بصارت به هلي وڃي، _ ته ان ڪي، پرينءَ جي پاران پلائي پائيندس، ) ( چو ته اهي " ڪن " " زبان " ۽ اکيون ئي آهن جيڪي، دل جي غفلت سبب دنيا ۾ رذل رهن ٿيون ۽ ربّ جي راضپي لاءِ پاڻ نه ٿيون پتوڙين . ) مٿين بيت ۾، متوسط " صوفيءَ جي، محبت ۾، بيتابي ظاهر ڪئي وئي آهي جيڪا، محبوب جي لاءِ سندس دل ۾ آهي هو محبوب جي وصال جي راه ۾ رنڊڪ وجهڻ وارين سيني شين تان هٿ ڪڻڻ لاءِ تيار ٿو هجي ( چاهي اهي " اهم جسماني عضوا " ئي چو نه هجن ) -



محمد عثمان عباسي

# سنڌ جي عالمن سان شاهه ولي الله جا رابطا

معرفت جي صاحب حضرت شاهه ولي الله (1114_1176هه) جي غير معمولي شخصيت ڪنهن تعارف جي محتاج نه آهي. شاهه صاحب رحه دنياءِ اسلام جو وڏو نامور بزرگ ٿي گذريو آهي ۽ سندن نالي کان علمي دنيا جوهر شخص آگاهه آهي.ڪين پنهن جي دور جي عالمن تي نمايان مٿڀرائپ حاصل هئي. ٻارهين صدي هجري جو هڪ مڃيل اهل الله مرزا مظهر دل وارو دلبر شهيد سندن بابت فرمائي ٿو: " الله تعاليٰ مون کي سموري زمين جو هٿ جي ترِي تي رکيل شيءِ وانگر سير ڪرايو مون پنهنجي دور ۾ شاهه ولي الله صاحب جهڙو ڪنهن کي به نه ڏٺو. " شاهه صاحب رح پنهنجي تعليمات ۽ علمي تصنيفن جي ذريعي اسلام ۽ مسلمانن جي اها خدمت سر انجام فرمائي جنهن کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي. پاڻ هڪ ئي وقت ۾ پنهنجي صديءَ جو مجدد،اسلام جو عظيم مفڪر،وڏو مجدد ۽ مفسر،حڪيم ۽ رباني عالم هو. پاڻ شريعت، طريقت، فلسفي، تصوف ۽ جملي عقليه ۽ نقليه علمن ۾ نئين انداز ۽ حڪيمانه طرز تي ڪلام فرمائي ڪري، بعد ۾ اچڻ وارن جي لاءِ سوچڻ جون نيون راهون کولي ڇڏيون.

ٺيڪ ان دور ۾ سنڌ جي زمين به علم ۽ عرفان جو گهوارو هئي. هتي مخدوم ابوالقاسم نقشبندي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، مخدوم محمد معين ٺٽوي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ خواجه محمد زمان لنواري واري جهڙا اولياء ۽ چونڊ پسند ڪيل عالم موجود هئا جن جو فيض پري پري تائين پهچي چڪو هو. هتي هيءَ سوال پڇي سگهجي ٿو ته ڇا ٻارهين صدي جي ان علمي دور ۾ شاهه ولي الله صاحب رحه جا سنڌ جي عالمن ۽ فاضلن سان علمي ۽ روحاني رابطا هئا؟

ان سلسلي ۾ اسان کي سنڌيءَ جي ٽن انتهائي معزز عالمن جا نالا مبارڪ ملن ٿا، جن سان شاهه صاحب جو سڌو سنئون علمي تعلق رهيو آهي. انهن ٽن بزرگن مان هڪ ته شيخ القراء محمد فاضل سنڌي آهي، جيڪو شاهه صاحب رحہ جو فن قرائت ۾ استاد هو. ٻيو مخدوم محمد معين ٺٽوي صاحبِ ”الدراسات“ جنهن کي شاهه صاحب موصوف جي طرفان علم حديث جي اجازت عطا ٿي. ٽيون بزرگ محمد شريف بن خير الله سنڌي آهن جنهن شاهه صاحب رحہ کان باطني فيض جي سند ۾ خرقو خلافت حاصل ڪيو.

شيخ القراء محمد فاضل سنڌي، سنڌ ۾ ڪٿي ڄائو هو. سندن رهائش ڪٿي هئي. اهو ڪيئن دهلي ويو ۽ ڪڏهن ويو. انهن سڀني سوالن بابت هتان جا سڀئي تذڪرا خاموش آهن. “ نزهة الخواطر “ جيڪو ان صديءَ جي تصنيف آهي، ان مان فقط ايترو معلوم ٿئي ٿو ته شيخ عالم مجود ( تجويد جو ماهر )محمدفاضل سنڌي دهلي ۾ شيخ القراء هو. شيخ عبدالخالق دهلوي کان بروايت امام حفص قرآن پڙهيو ۽ کانئن شاهه ولي الله ۽ ٻين ڪيترن ئي ماڻهن فيض ( 1 ) حاصل ڪيو. شاهه صاحب رحہ پاڻ به قرآن پاڪ جي فارسي ترجمي فتح الرحمان جي مقدمي ۾ هن طرح لکن ٿا.

”قال العبد الضعيف ولي الله بن عبدالرحيم عفي عنہ قرائت القران كلہ من اولہ الي آخره بروايتہ حفص عن عاصم علي اصالح الثقة حاجي محمد فاضل السندي سنہ 1154هہ“ قال تلوتہ الي آخره بروايتہ حفص علي الشيخ عبدالخالق شيخ القراء سمحروستہ دهلي. (2)

” ( الله پاڪ جو ) ڪمزور ٻندو ولي الله بن عبدالرحيم عفي عنہ چوي ٿو ته مون قرآن کي اول کان آخر تائين بروايت حفص عن عاصم، صالح معزز ماڻهو حاجي محمد فاضل سنڌيءَ کان سنہ 1154هہ ۾ پڙهيو ۽ ان چيو ته مون ان کي اول کان آخر تائين بروايت حفص دارالسلطنت دهلي جي شيخ القراء شيخ عبدالخالق کان پڙهيو.“



ٻيو سنڌي عالم مخدوم محمد معين سنڌي آهي. جنهن سان شاهه صاحب رحہ جو سڌو سنئون علمي تعلق رهيو آهي. ان بزرگ عالم جي فضل ۽ ڪمال جي جيتري تعريف ڪئي وڃي ٿوري ٿيندي. موصوف علم حديث جو سمنڊ هو. عربي ادب جو شهنشاهه ۽ علم الڪلام جو دنيا ۾ بيمثال ڄاڻو هو. فلسفي ۾ سندن قلم جي زور جو هي عالم آهي ته سندن طرز تحرير ۾ ملا صدرا جي مشهور ڪتاب، ”اسفار اربعہ “ جهڙي رواني محسوس ٿئي ٿي. سنڌجي مشهور مؤرخ مير علي شير قانع ٺٽوي هنن بابت پنهنجي تاثرات جو هن طرح اظهار ڪيو آهي:

مخدوم محمد معين شاگرد مخدوم عنايت الله مذكرواست، خدا تعالىٰ آن ذات حميده صفا رادر زمان خود جامع جميع فنون كمال آفريده، در منقول و معقول نحريرعصر و علامہ دهر شد باوجودآن كمالات علمي آشنا شده بسا بزرگ دين را محبت كرميان ابوالقاسم نقشبندي كہ مذكور شد ارادت اتم يافت دورادا خرايام بجناب كرامت نصاب سيد عبداللطيف تارك لقب بوضع يارانہ د ارادتمندانهجو شيده. (3)

مخدوم محمد معين رحہ، شاهه ولي الله رح کان عمر ۾ ويهه سال وڏو هو. مخدوم صاحب جي ولادت سنہ 1093ع ۾ ٿي (4) ۽ وفات سنہ1163هہ ۾، شاهه صاحب جو سنہ ولادت سنہ 1114هہ ۽ سن وفات سنہ 1174 هہ آهي. ان مان واضع ٿئي ٿو ته مخدوم صاحب، شاهه صاحب جو شاگرد فقط اجازت حديث جي حد تائين آهي. باقي هن شاهه صاحب کان ڪو ڪتاب نہ پڙهيو هو.

عربي جي مختلف علمن ۾ فنن بابت عام طور تي هي دستور رهيو آهي ته مستند عالمن ۾ مشهور ڪتابن جي مصنفن تائين پنهنجي سند ۾ روايت جو سلسلو محفوظ رکندا آيا آهن. علم حديث ۾ ته ان جو خاص خيال رکيو ويندو آهي. ان تعلق ۾ تصديق ۽ اسناد ( اهي ڪتاب جن ۾ حديثون راوين جي نالن سميت لکيل هجن ) جا ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا

آهن. ان اجازت ۾ هي ضروري نٿو ٿي تہ جن ڪتابن جي روايت ڪئي آهي، جيڪڏهن ڪنهن بزرگ عالم کان اجازت ورتي وڃي تہ اهي ڪتاب ان کان پڙهيا بہ وڃن. ڪڏهن ائين بہ ٿئي ٿو تہ هڪ علم جو درياءَ عالم آهي جنهنجو هنن علمي سندن جو سلسلو معتبر استادن جي ذريعي مٿي وڃي ٿو تہ اهو پاڻ جهڙي ڪنهن ٻئي بزرگ عالم کي پنهنجي مرويات جي روايت ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏيندو آهي. اهڙي اجازت روبرو بہ ڏني ويندي آهي. ۽ پر پٺ ( غائبانہ ) بہ مخدوم محمد معين صاحب کي شاه صاحب کان اهڙي قسم جي اجازت ملي. ان ملاقات ۾ مخدوم صاحب جيڪو نهايت ئي نهنو ۽ صوفي بزرگ هو.

شاه ولي الله صاحب کان حديث جي ڪتابن ۽ ٻين علمن جي روايت جي اجازت حاصل ڪئي. باقي هيءَ ملاقات ڪٿي ٿي ۽ ڪڏهن ٿي؟ ان بابت قياس آرائين ڪانسواءِ ڪوبہ ثبوت نٿو ملي. مناسب معلوم ٿئي ٿو تہ ان سلسلي ۾ مخدوم محمد معين صاحب جي پنهنجي وضاحت پيش ڪئي وڃي.

فقير ڪتب ستہ احاديث و معلجم وڪتب علم ڪلام وڪتب علم اصول وڪتب علم ادب و ڪتب شريفہ علم شريف تصوف بند متصل الي المصنفين حتي الڪافية في النحو. سندها المتصل الي ابن حاجب از دو شيخ روايت ميڪند يڪي قدوة العلماء الراسخين في دقة شيخ عبدالقادر مفتي المڪة باجازتہ الخاصة لي بروايت ها بجميع مافي فهرست الجامع الصحيح مروياتہ.

" فقير صحاه ستہ، معلجم، علم الڪلام، علم اصول علم ادب ۽ علم شريف تصوف جي ڪتاب جي انهن جي مصنفن تائين (ايستائين جونجو جي ڪتاب ڪافيہ جي مصنف ابن عاجب ) ٻن شيخن کان روايت ڪري ٿو. هڪ پنهنجي دور جي مضبوط عالمن جي اڳواڻ شيخ عبدالقادر



مفتي مڪي کان، جنهن جامع صحيح جي فهرست جي سڀني روايت ڪيلن جي مونکي خاص اجازت عنايت فرمائي".

شيخ سوم ڪہ اجازت حديث باين فقير داده قدوة المشائخ في بلدنا فيض بن العارف والقطب في وقة الشيخ آدم تتوي ڪہ اين شيخ ڪريم اجازت ازشيخ حسن عجيمي دارد ڪہ از عمده مشائخ حضرت شيخ عبدالقادر مذڪور است اسانيد اين هر دو شيخ از شيخ عجيمي بالاترمي ردد. با آنڪہ شيخ عبدالقادر از مشائخ ببار ديگر هم روايت دارد.

" ٽيون شيخ جنهن هن فقير کي حديث جي اجازت عنايت فرمائي، اسان جي ملڪ جي ديني اڪابرن جا اڳواڻ شيخ فيض بن عارف ۽ وقت جو قطب شيخ آدم ٺٽوي آهن. شيخ حسن عجمي کان اجازت مليل اٿن. شيخ عجمي شيخ عبدالقادر مڪي جي وڏن اڪابرن مان آهن. انهن ٻنهي بزرگن جي سندن جو سلسلو بوسيد شيخ عجمي مٿي وڃي ٿو. شيخ عبدالقادر ٻين ڪيترن اڪابر کان بہ روايت ڪئي. "

شيخ چهارم ڪہ اين، فقير اجازت از ايشان دارد حضرت عارف بن عارف الڪاشف المشاهد شيخ اجل زڪي الله سرهندي است قدس سره.

چوٿون شيخ جنهن کان هي فقير اجازت رکي ٿو: حضرت عارف بن عارف صاحبِ ڪشف ۽ مشاهدات شيخ اجل زڪي الله سرهندي قدس سره آهن"

پنهنجي سلسلي روايت جي انهن چئن اڪابر شيخن جي ذڪر ڪانپوءِ فرمائين ٿا: شيخ پنجم ڪہ فقير اجازت از ايشان دارد. حضرت ولي الوقت حضرت ميان ولي الله بن شيخ عبدالرحيم است.

" پنجون شيخ جنهن کان هي فقير اجازت رکي ٿو: حضرت ولي وقت حضرت ميان ولي الله بن شيخ عبدالرحيم آهن."

ذڪر ڪيل عبارت مان تہ فقط ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ انهن پنجن ئي اڪابر عالمن کان مخدوم محمد معين کي اجازت مليل آهي پر انهن

شيخن کان هي اجازت بالمشافہ ( روبرو ملاقات ۾ ) ملي يا خط وڪتابت جي ذريعي ۽ خاص طور تي شاهہ ولي الله صاحب جي معاملي ۾ تہ هي سوال وڏي اهميت رکي ٿو. ڇو تہ مخدوم محمد معين ٺٽوي جي تنقيد نگارن مخدوم صاحب جي تاليف " دراسات اللبيب في الاسوة الحسنة بالحبيب" جي هن عبارت کي ( جنهن ۾ شاهہ ولي الله صاحب جن هڪ ملاقات ۾ مخدوم محمد معين کي ان جي تحقيق ۾ منفرد قرار ڏنو) غلط ٻڌايو آهي ۽ لکيو آهي تہ اهو سنڌ کان ٻاهر ٿي نہ ويو هو. ان ڪري وري هي تحسين ( تعريف ) ڪيئن ٿي سگهي ٿي.... وغيره وغيره.

پر هي تنقيد نگارن جي بي انصافي ۽ هٺ ڌرمي آهي. مخدوم عبداللطيف ٺٽوي " ذب ذبابات الدراسات " جي مصنف مخدوم محمد معين کان گهڻو ننڍا آهن. خود مخدوم عبداللطيف جا والد بزرگ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم محمد معين کان عمر ۾ ننڍا آهن ۽ پاڻ کان فائدو وٺندڙ آهن جنهن جو اعتراف ان پنهنجي انهن رسالن ۾ ڪيو آهي، جيڪي هُن پنهنجي شيخ مخدوم محمد معين سان اختلاف ڪندي رد ۾ پڇا ڳاڇا جي طور تي لکيا آهن. اهڙين حالتن ۾ ان طرح ڪوڙو سمجهڻ واري حالت نامناسب معلوم ٿئي ٿي ڇو تہ همعصرن ۾ مخدوم محمد معين صاحب جي ڪتاب "دراسات" جي ذڪر ڪيل عبارت کي ڪنهن بہ ڪوڙو نہ ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ اسان هتي مخدوم محمد معين جي قلمي رسالن مان شاه ولي الله سان ان جي ملاقات جي بابت وضاحت پيش ڪريون ٿا. پاڻ فرمائي ٿو:

سواء دو شيخ اول کہ از ايشان اجازت بالمکاتبه است ازين سہ شيخ اجازت بالمشافہ و من الاثنين منهم بالمکاتبة ايضاً حاصل دارد رحم الله الکل برحمه واسعتہ وزاد في عمر الخامس ونورنا بنوره.

"پهرين ٻن شيخن کانسواءِ جن کان اجازت خط و ڪتابت جي ذريعي ورتي آهي. باقي ٽئين شيخن سان ملاقات ۾ اجازت ملي آهي ۽ انهن



مان ٻن کان اجازت خطن ذريعي بہ حاصل آهي. الله سڀني تي رحم فرمائي ۽ پنجين (شاهہ ولي الله) جي عمر وڌائي ۽ انجي نور سان اسانکي روشن فرمائي."

اڳتي هلي ڪري حضرت شاهہ ولي الله صاحب جي سلسلي بابت هڪ لطيفو بہ ذڪر فرمائي ٿو:

از عجائب اتفاقات آنکہ سلسلہ حضرت ميان شاهہ ولي الله و سلسلہ حضرت ميان زکي الله بحضرت قطب الاقطاب مجدد الف ثاني رضي الله عنہ مي رسد ومن نعماء الله الهنية.

"هي عجيب اتفاق آهي تہ ميان شاهہ ولي ۽ حضرت ميان زڪي الله ٻنهي جو سلسلو حضرت قطب الاقطاب مجدد الف ثاني رضي الله عنه تائين پهچي ٿو. هي الله پاڪ جي مبارڪ نعمتن مان هڪ نعمت آهي."

هن وضاحت کانپوءِ تہ منهنجي خيال ۾ هڪ انصاف ڪندڙ ۽ محقق جي لاءِ مخدوم محمد معين صاحب جي شاهہ ولي الله صاحب سان ملاقات ۾ شڪ ڪرڻ جي ڪابہ گنجائش نٿي رهي.

آخر ۾ اهو لکي ٿو تہ انهن روايتن جي حوالي سان شيخن جي سَندَن جو ذڪر ڪرڻ لاءِ تہ هڪ سڄو ڪتاب گهرجي. هتي تبرڪ طور فقط بہ لاڳيتيون سندون لکيون وڃن ٿيون. پهرين سَندَ حضرت شاهہ ولي الله جي طريقي جي آهي ۽ ٻي شيخ زکي الله جي طريقي جي. اسان هتي پهرين طريقي جي سند کي ان جي لفظن ۾ پيش ڪريون ٿا ڇو تہ ان ۾ "ابناني" (مونکي خبر ڏني) جو لفظ استعمال ڪيو آهي جيڪو ملاقات جي صورت ۾ استعمال ٿيندو آهي. لکن ٿا:

ابناني و انا الفقير محمد المقلب عيوبهما وغفر ذنوبهما. ولي الله بن عبدالرحيم عاملهما الله بلطفہ الجيم قال: سمعت الحديث المسلسل بالاولية من الثقة الثبت حاجي محمد افضل قال سمعت عن الشيخ عبدالاحد قال سمعت عن ابي الشيخ احمد السرهندي رضي الله عنہ و سمعت من حاجي

محمد افضل قال سمعت من الشيخ عبدالله المكي البصري بسنده المذڪور في مسنده. (5)

”مونکي فقير المسمي محمد المقلب معين بن محمد المقلب امين کي (الله ٻنهي جي عيبن کي ڍڪي) ولي الله بن عبدالرحيم جن (الله ٻنهي کي پنهنجي عظيم لفظ سان نوازي) فرمايو ته مون حديث لڳاتار پهرين معزز ماڻهو ۾ لکيل حاجي محمد افضل کان ٻڌو ۽ ان ٻڌايو ته مون ان کي شيخ عبدالواحد کان ٻڌو ۽ ان ٻڌايو ته مون ان کي پنهنجي پيءُ شيخ محمد سعيد کان ٻڌو ۽ ان ٻڌايو ته مون انکي پنهنجي والد شيخ احمد سرهندي رضي الله عنه کان ٻڌو. هن روايت جو هڪ ٻيو طريقو سند سان آهي ته مون حاجي محمد افضل کان ٻڌو. ان ٻڌايو ته مون شيخ عبدالله المڪي البصري کان ٻڌو. ان سند سان جيڪا ان جي مسند ۾ ذڪر ٿيل آهي.“

شاهه صاحب ۽ مخدوم محمد معين جو پاڻ ۾ خط و ڪتابت جو سلسلو به هو. معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم محمد معين پنهنجي هڪ خط ۾ شاهه صاحب کان پهريان پهريان پادرين جي سردار جي ايجاد ۽ ٻين مسئلن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي هوندي. جيئن ته شاهه صاحب مخدوم محمد معين جي نالي پنهنجي خط ۾ انهن مسئلن تي روشني وڌي آهي. ان خط جي شروعاتي عبارت مان ظاهر ٿئي ٿو ته شاهه صاحب مخدوم صاحب کي وڏي عزت جي نگاهه سان ڏسندو هو. عبارت ڏسو.

درجواب سوال مخدوم از بعض اشکالات تائيد الهي شامل حال آن نقاد اقوال الرجال باد عنايت نامه شکين شمامه از اموري که عواقب آن انشا الله تعاليٰ بخير است رسيد فقير را مخلص صميمي و دعا گوئي خلا دملا قصور فرمائيد جعل الله لکم من کل ضيق فخرجا الخ. (6)

”مخدوم محمد معين جي ڪجهه علمي ڏکين سوالن جي جواب ۾ ماڻهن جي قولن جي نقاد (مخدوم معين) سان گڏ الله جي تائيد شامل حال هجي. مشڪ جهڙي هٻڪار خوشبو وارو عنايت نامو (انهن حالتن بابت جن



جي انشاء الله پڇاڙي سٺي آهي) پهچاءِ ان فقير کي مخلص سچو ۽ تنهائي ۾ توڙي سيني جي سامهون دعاگو خيال فرمايو. دعا آهي ته اوهانکي هر تنگيءَ کان ڇوٽڪاري جو رستو عنايت فرمائي.“

ٽيون بزرگ شريف محمد شريف پٽ خيرالله پٽ عبدالغني سنڌي آهي، جيڪو ٺٽي جي آسپاس اگهم ڪوٽ جو رهاڪو هو. باطني فيض جي اڃ ۽ طلب کين ٺٽوي جي خدمت ۾ سلوڪ جي سفر جو پورائو ڪيائون.

هن سنڌي بزرگ جي سوانح حيات جي سلسلي ۾ به هتي جا تذڪرا خاموش آهن. شاهه صاحب کين خرقه خلافت سان گڏ جيڪا سند عنايت ڪئي هئي، ان مان هن سنڌي بزرگ جي ڪمالات تي روشني پوي ٿي. هتي مناسب معلوم ٿئي ٿو ته شاهه صاحب جن کين ارشاد ۽ تلقين جي اجازت ڏيندي جيڪا سَندَ عطا فرمائي هئي، ان جو ترجمو هتي پيش ڪجي ٿو:

شاهه صاحب فرمائي ٿو: سڀ تعريفون ان الله جي لاءِ آهن جنهنجي نعمت سان نيڪيون پوريون ٿين ٿيون ۽سڀني حالتن ۾ ان جي فضل تي ڀروسو ۽ انحصار آهي. سيدنا محمد ۽ سندن آل اصحاب تي الله جي رحمت هجي.

حمد ۽ صلوات کانپوءِ بندو ضعيف، الله ڪريم جي رحمت جو محتاج ولي الله پٽ عبدالرحيم العمري الدهلوي (الله ان تي ۽ ان جي ديني اڪابرن ۽ والدين تي احسان فرمايو) چوي ٿو ته سنه 1153هه جي مهينن ۾ اسانجي ڀاءُ الله جي طرف پهچڻ جو خواهشمند محمد شريف پٽ خير الله ۽ پٽ عبدالغني سنڌ ملڪ شهر ٺٽي جي آسپاس اگهم ڪوٽ جي رهاڪو صوفي طريقي جي ڳولا ۾ مهاجر ٿي ڪري مون وٽ آيو. ان کان اڳ هڪ وقت تائين اهو صوفي طريقي جي عملن، مشغلن ۽ مراقبن جي روزاني مشق ڪري چڪو هو. ان جي لاهن چاڙهن کان واقف هو ۽ ان علم جي ننڍن وڏن مسئلن جي تحقيقات ۽ ڇنڊڇاڻ ڪري چڪو هو. مون ان کي نفس جي نرم

پاڪ صاف. هر لطيفہ سني شيءِ جي، مخصوص جايون ۽ نسبتون سڀ سمجهايون ۽ اهي نسبتون بہ سمجهايون جن تي مشهور طريقي جو مدار رهيو آهي ۽ ان کي هي بہ سمجهايو تہ سلوڪ جي رستي جو طالب هڪ لطيفہ کان ٻئي لطيفي تائين ۽ هڪ نسبت کان ٻي نسبت ڏانهن ڪهڙي طرح منتقل ٿيندو آهي. اهڙي طرح مون ان کي (ان علم جون) خاص ڏکيائون سمجهايون.

مون ان کي عادتن جي خلاف (ڪرامتن) ظاهر ٿيڻ جي حالت ۾ ان جي دعوت ڏيندڙ ۽ سبب ٻڌايا. هي سڀ شيون مون ان کي اهڙي طرح سمجهائي ڇڏيون، جهڙي طرح الله تعاليٰ منهنجي مٿان انڪشاف ڪيو ۽ مونکي سمجهايو هو ۽ مون پنهنجي اڪابرن کان وراثت ۾ حاصل ڪيو هو. الله تعاليٰ ان ۾ برڪت فرمائي هئي (منهنجي سمجهائڻ کانپوءِ) هو ان کي مناسب طور تي سمجهي ويو. مون پنهنجي ميزان (عقل) سان جيڪو منهنجي پروردگار مون کي عطا ڪيو هو ان کي معلوم ڪرڻ چاهيو تہ مون ان جي سمجهہ (کي) صحيح سمجهيو. والحمدلله. هاڻي مان انهن طالبن کي مختلف صوفي طريقن جي ارشاد جي اجازت ڏيان ٿو. اهڙي طرح انهن کي خرقہ (جبو) پارائڻ، انهن ڏانهن توجہ ڪرڻ ۽ انهن کي صحبت سان فائدو پهچائيندي ۽ صوفي جبي جي نسبت عطا ڪرڻ جي اجازت ڏيان ٿو جهڙي طرح جو ان جي منهنجي شيخ مرشد، منهنجي والد منهنجا آقا، منهنجي ٽڪاڻي ۽ جن تي سڀني حڪمن ۾ منهنجو اعتماد رهيو آهي، انهن مون کي هدايت ڪئي ان جي اجازت ڏني ۽ مون کي ان جو جبو پارايو.

الله تعاليٰ ان جي روح کي راحت عطا فرمائي ۽ انهن کي حرمين محترمين جي سڀني مشائخن کان (بہ) جيڪي مون وٽ اجازتون آهن، انهن سڀني جي اجازت ڏيان ٿو.

مون انهن کي ٻڌايو تہ سهروردي طريقي ۾ انهن ذڪرن ۽ ورد وظيفن ڪرڻ کي سنو سمجهيو ويندو آهي، جيڪي ڪتاب عوارف المعارف ۾ ذڪر ڪيل آهن. مون انهن کي هي بہ ٻڌايو تہ مون مديني جي هڪ شيخ



کان ٻڌو آهي تہ انهن وٽ (سلوڪ ۾) احياءُ ۽ قوت القلوب تي عمل ڪرڻ بهتر سمجهيو ويندو آهي.

مون انهن کي ٻڌايو تہ جيترا بہ (اولياء الله) جا طريقا جنيد تائين پهچن ٿا، اهي سڀ توڙي جو شغل، ذڪر ۽ مراقبن ۾ هڪٻئي کان مختلف آهن پر تهذيب، لطائف ۽ نسبتن ۾ سڀئي ساٿي ۽ دوست آهن. ها ڪي نسبتون اهڙيون بہ آهن جن جا طريقا هڪٻئي کان مختلف هوندا آهن ۽ تهذيب نفس جي تعبيرن ۾ بہ ڪجهہ اختلاف ڏنو ويو آهي، جنهنجو اصلي سبب هي آهي تہ ڪي صوفي (اولياء الله) ڪنهن مددگار ۽ مخصوص لطيفہ جو نالو ذڪر نٿا ڪن پر هن لطيفہ جي جيڪا مخصوص نسبت هوندي آهي، ان جو ۽ تهذيب نفس تي ان جو جيڪو اثر مرتب ٿيندو آهي (فقط) ان جي طرف اشارو ڪري ڇڏيندا آهن، جنهنجو اسان هڪ مثال پيش ڪريون ٿا:

چشتيہ طريقي وارا ملڪوت، جبروت ۽ لاهوت جي مرتبن جا ذڪر ڪندا آهن، جيڪڏهن ڪنهن کي سرور، محبت ۽ انبياء جي روحن سان گڏ گهمڻ جي ڪيفيت (جيڪا تهذيب روح جو نتيجو آهي) حاصل ٿئي تہ اهڙي شخص جي حق ۾ اولياء الله هي چوندا آهن ”فتح الله عليه الملڪوت“ يعني فلاڻي شخص تي الله تعاليٰ ملڪوت کي چٽو ڪيو ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي لاءِ لطيفہ خفيہ جي تهذيب جو ثمر ”حق کي مخلوق ۾ ڏسڻ مخلوق کي حق ۾ ڏسڻ“ واضح ٿئي ٿو تہ ان وقت اهڙي شخص جي لاءِ هيئن چوندا آهن تہ فلاڻي شخص تي الله تعاليٰ مرتبہ لاهوت کي ظاهر ڪيو.

عبارا تناشي و حسنک واحد، وکل الي ذاک الجمال يشير.

يعني اسانجون عبارتون مختلف آهن ۽ تنهنجو هڪ ئي حسن آهي. هر هڪ عبارت هن هڪ ئي حسن ۽ سونهن جي مخبري ڪري رهي آهي.

هن سمجهاڻي جي آخر ۾ شاهہ صاحب رحہ پنهنجي مريد ۽ عقيدتمند محمد شريف سنڌي کي ڪجهہ وصيتون فرمائين ٿا:

"هاڻي مان انهن کي خاص سندن نفس جي لاءِ ظاهر ۽ باطن ۾ تقويٰ جي وصيت ڪريان ٿو ۽ ان جي به ته اهو ٻڌي ۽ شرائع جو خيال رکي. صوفيه جنيديه جي طريقي جو پابند رهي. مان انهن کي طالبن قرب خدا جي متعلق هي وصيت ڪريان ٿو ته ان سان گڏ شفقت سان پيش اچي ۽ ان کي نيڪ ڪم ڪرڻ جو چون ۽ برائي کان منع ڪن ۽ انهن کي علم حديث جي روايت ڪرڻ جي رغبت ڏيارن.

والحمد لله اول و آخر!

(ماهنامہ الرحيم ج 1 ش 7 رجب 1383هہ ڊسمبر 1963ع)

حوالا:

نزهة الخواطر، ج 6 ص 342

مقدمہ فتح الرحمان فارسي

تحفة الڪرام فارسي، ج 3، ص 229

هڪ قلمي بياض مان جيڪو فضلائي سنڌ کي ماده هائي تاريخ جو هڪ مجموعو آهي. مخدوم صاحب جي هيءَ تاريخ ڄمڻ جي اسان کي ملي سگهي آهي ۽ هيءَ هن مصرعي مان نڪري ٿي: "مخدوم عالم محمد معين" عجيب ڳالهه آهي ته هن مشهور شخصيت جي ڄمڻ جي تاريخ بابت ان جي ڪنهن به سوانح نگار ڪجهه به نه لکيو."

مجموعو رسائل مخدوم معين (قلمي) ڪتب خانه قاضي محمد مراد سيوهاڻي.

تفهيمات الهيه ج 1 ص 109، طبع مجلس علمي. تفهيمات ج 1 ص 102 - 103 - 104.



ڊاڪٽر امير علي ابڙو

# آزادي جي نالي تي

## نئين نسل ۾ وڌندڙ ڇرواڳي

ڪنهن به چڱي يا بري عمل پٺيان ڪونه ڪو سبب ضرور ضرور هجي ٿو ، دنيا اندر انساني حقن جي پرچار شروع ٿيڻ کان وٺي هن وقت تائين جيڪي به تبديليون آيون آهن. اهي گهڻي قدر مثبت آهن. پر اهو به ضروري نه آهي ته، انهن جا سڀ سيڪڙو بهتر نتيجا نڪتا هجن. آءُ ان بحث ۾ پوڻ جو خالص سبب تڏهن ئي بهتر نموني سمجهائي سگهندس. جڏهن پڙهندڙ يا ته والدين هجن، بهتر استاد هجن يا وري اهو سمجهي ويندڙ نوجوان هجن، ته شايد هو ڇڙواڳيءَ طرف سفر ڪري رهيا آهن. ڪنهن به قوم جي ترقي صرف اها نه ٿي چئي سگهجي ته، ملڪ ۾ مادي شيون يا مشيني ترقي بهترين هجي ۽ ذهني ترقي، سمجهه، ڏاهپ يا قوم جا تصور ۽ نظريا واضح نه هجن اسان جي نوجوانن مان تمام گهڻو تعداد انهن جو آهي، جيڪي سمجهي ئي نه سگهيا آهن ته، آزادي ۽ ڇڙواڳيءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

هن وقت ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ، اليڪٽرانڪ ميڊيا يا موبائل جي ڪري دنيا تيزيءَ سان تبديل ٿي رهي آهي. سوچن، ذهنن ۽ عملن کي تيزي سان تبديل ڪرڻ جا رستا گهرن ۽ ادارن ۾ زوريءَ ڪاهي پيا آهن، سوچن کي تبديل ڪرڻ جا طريقا آسانيءَ سان ميسر آهن، ائين ڪٿي چئجي ته، انٽرنيٽ ذريعي مارڪيٽ مفت ۽ عام آهي. هاڻي صرف اِن ڳالهه جي ضرورت آهي ته، نوجوان پاڻ ۾ ڪهڙي کوٽ محسوس ڪري رهيو آهي ۽ هن کي ڪهڙي معلومات جي ضرورت آهي "ان ڪري هن آزاد ۽ مفت مارڪيٽ ۾ نوجوانن جي ذهني ضرورتن ۽ ڪيفيتن ۾ توازن برقرار رکڻ

اهم آهي. هتي والدين، استاد، تعليمي ادارن ۽ سرڪار جو اهم ڪردار بڻجي ٿو، اتي اِهو به سمجهڻ گهرجي تہ اِهي ان سلسلي ۾ پنهنجو پنهنجو ڪردارڪيترو نڀائي سگهيا آهن؟ يا نڀائي سگهن ٿا؟

اهو صرف ائين نہ آهي تہ والدين يا استاد هميشہ نوجوانن کي منع ڪندا رهن يا سمجهائيندا رهن تہ هي ڪريو يا هي نہ ڪريو، پر نوجوانن ۾ بهتر سوچڻ جي سگهہ کي وڌائڻو آهي يا وري برقرار رکڻو آهي. جيڪڏهن اسين نوجوانن جي بهتر سوچڻ جي سگهہ کي برقرار رکڻ چاهيو ٿا تہ ، آزاديءَ جي اصل مقصد ۽ شڪل کي بہ سمجهڻو پوندو، ڇڙواڳي جي شڪلين، نتيجن ۽ سببن کي پڻ ظاهر ۽ عام ڪرڻو پوندو .

سماج اندر Social Control جا اهم ذريعا والدين، استاد، ڪتاب ۽ مذهب هجن ٿا، پر هن دور ۾ انهن چئي ذريعن جو مناسب استعمال نہ پيو ٿئي، ان جي ابتڙ منفي سوچن کي متحرڪ ڪندڙ ذريعا آسان ۽ عام آهن، ان کان علاوه مختلف ثقافتون پڻ تيزيءَ سان سرحدون اورانگهي هڪٻئي سان ملي جلي رهيون آهن، ائين ڪٿي چئجي تہ، ڪنهن بہ ملڪ جي ثقافت ۽ سماجي ۽ اخلاقي قدر پنهنجا نہ رهيا آهن، پر گهڻ ملڪي، مليل جليل ۽ نہ سمجهہ ۾ ايندڙ ٿيندا پيا وڃن. هتي منهنجو مقصد مايوسي واڌائڻ نہ آهي، پر اهو ضرور آهي تہ سماج ۽ نوجوانن کي پيش ايندڙ مسئلن تي بحث ڪجي. ۽ سوچن اندر هڪ چوڪيداري نظام کي بحال ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي.

جيڪڏهن انساني حقن جي تنظيمن يا آزاد سوچن جو ڪو علمبردار ائين سمجهي ٿو تہ، هي ڳالهيون اسان کي پوئتي وٺي وينديون ۽ دنيا اڳتي هلي رهي آهي تہ، پوءِ هڪ ٻي ڳالهہ بہ اهم آهي تہ، اڳتي وڌڻ يا پوئتي هٽڻ جو ڪو معيار مقرر ڪرڻو پوندو _ ۽ وري انسان جي سماجي سڌارن ۽ Socialization جي ارتقا کي بہ ڏسڻو پوندو. مان ان ڳالهہ جو ڪڏهن بہ حامي نہ آهيان تہ، نوجوان ڇوڪرين کي سٽن پردي ۾ ويڙهي رکجي ۽ ڏيءِ



کان وڌيڪ پٽ کي عزت ۽ حيثيت ڏني وڃي ، پر اهو بہ تہ انتهائي غلط آهي تہ پٿر جي دور جي انسان جو بدن بغير ڪپڙن يا سندس جسم گهٽ ڍڪيل هئڻ وارو وقت وري آزاديءَ جي نالي سان موٽ ڪائيـ ۽ ترقي يافتہ دور ۾ اسان جا نوجوان گهٽ ڪپڙا پائين، جيڪي بيراه روي طرف مائل ڪنداهجن، هي تہ گهٽي قدر اڳتي نہ، پر پوئتي وڃڻ ٿيو، هن قسم جي روين سان نوجوان ڇوڪرا يا ڇوڪريون پنهنجي اخلاق جو نہ، پر جسم جو مظاهرو ڪندي نظر اچن ٿا.

جيڪڏهن اسان جو نوجوان آزاديءَ سان سوچڻ، پنهنجي مرضي سان پنهنجا فيصلا ڪرڻ ۽ والدين يا وڏن جو چيو نہ وٺڻ کي آزادي چوي ٿو تہ، ڳالهہ ساڳي ٿيندي، جنهن مطابق اسان ان دور طرف پوئتي موٽندي نظر ايندا سين، جتي ڪي بہ سماجي قدر نہ هجن ۽ ننڍي وڏي جي عزت، عقل فهم، ۽ اخلاق جو ڪو معيار نہ هجي.

اهڙي صورتحال ۾ اسان کي انهن قومن جو مثال وٺڻو پوندو، جن ڪجهہ ڏهاڪا اڳ پنهنجن ملڪن ۾ انساني حقن جي آزادي، نوجوان جا حق، عورتن جا حق ۽ ٻارن جا حق وغيره جي بنياد تي حد کان وڌيڪ عمل ڪيو، جنهن کي آءُ آزاديءَ جي انتها پسندي پڻ چوندو آهيان.

هن وقت هو وڏن سماجي مسئلن ۾ ورتا پيا آهن. ايتري تائين جو پنهنجي ماڻهن جي انهن روين کي تبديل ڪرڻ مشڪل ٿي ويو اٿن، هن وقت اتان جا تعليمي ۽ تحقيقي ادارا پريشان آهن تہ، اهي انهن مسئلن جو حل ڪيئن ڳولين ؟ اهڙين حالتن کي نظر ۾ رکندي، اسان يورپ جي هيٺين سماجي مسئلن جو مثال ڏئي سگهون ٿا:

1_ هن وقت يورپ ۾ تمام گهڻا ماڻهو ائين سمجهو تہ اتان جي آباديءَ جو وڏو انگ شادي ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. جيڪڏهن هو شادي ڪن بہ ٿا، تہ ٻار پيدا ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. جيڪڏهن ٻار پيدا ڪن ٿا تہ، انهن کي پالي، وڏو ڪرڻ ۽ انهن کي سکيا ڏيڻ هڪ معمو بڻيل آهي، ڇو تہ شاديون گهٽو

وقت نٿيون هلن ۽ طلاقون ٿيو وڃن. جنهن سبب ٻارن جو تمام وڏو تعداد جوانيءَ تائين پهچڻ کان اڳ ۾ ئي بيراه روي جو شڪار ٿي وڃي ٿو.

2_ ٻار گهٽ پيدا ٿيڻ سبب اتان جي اصل آبادي ختم ٿيندي پئي وڃي. مطلب تہ ڌرتيءَ ڌڻي مرندا پيا وڃن ۽ ٻين قومن جا ماڻهو اتي گهڻي تعداد ۾ آباد ٿي رهيا آهن

3_ نوجوان يا ٻارن لاءِ تمام گهڻا قانون هئڻ سبب اتي بلڪل گهٽ آهي. ان ڪري ٻارن ۽ نوجوانن ۾ جنسي بيراه روي. جنسي بيمارين ۽ جنس متائڻ وارو لاڙو وڌي رهيو آهي. ۽

4_ ٻارن جو گهڻو تعداد شاديءَ کان سواءِ پيدا ٿئي ٿو جيڪي ٻار پڻ گهڻن مسئلن جو شڪار ٿين ٿا.

اهڙن ملڪن جي موجوده حالتن کي ڏسڻ سان پتو پوندو تہ اتي آزاديءَ کي انتها پسنديءَ جي حدن تائين ورتو ويو ۽ ان کان پوءِ وقت جي رفتار سان گڏ تمام گهڻن سماجي مسئلن ڪر کنيو مثلن گهٽين ۾ رهندڙ ٻارن جو تعداد ترقي يافتہ ملڪن ۾ وڌيڪ آهي. ان جو وڏو سبب سماجي بيراه روي ۽ آزادي جي اورنگهيل حدن سبب خاندانن جو غير فعال ٿيڻ آهي.آفريقي علائقن ۾ ايبز جو مرض وڌيل آهي. جنهن جو وڏو سبب اتان جي ملڪن ۾ آزاديءَ جو وڌيل هئڻ يا وري سماجي قدرن جو بلڪل نہ هئڻ آهي. اسان جي پروارن ملڪن هندستان ۽ ٿائيلينڊ وغيره ۾ پڻ هن وقت آزاديءَ جي غيرضروري حدن تائين وڃڻ سبب اتان جو معاشرو غيرفعال ٿيندو پيو وڃي.

هتي هتيان مثال ڏيڻ جو مقصد صرف اهو آهي تہ اسان پنهنجي ملڪ جي نوجوانن بابت سوچڻ جي ڪوشش ڪريون. موجودہ سماج. جوڙجڪ. والدين جو اولاد تي گهٽ ڌيان. پاڙيسري ملڪن مان فلمن ۽ انٽرنيٽ وسيلي وڌندڙ غير اخلاقي ۽ غير سنجيدہ معلومات. ملڪي ٽي وي چينلز. موسيقي جي انداز ۽ آزادي جي غير ضروري حدن تائين گهرج يا عمل. اسان جي



نوجوانن کي ڪهڙي طرف وٺي وڃي رهيو آهي؟ ان تي سنجيدگي سان سوچيون.

اسان جيڪڏهن موجوده حالتن تي نظر وجهنداسين تہ اسان جي اڳيان تمام گهڻا ڇرڪائيندڙ نتيجا ظاهر ٿيندا. مثال طور ملڪ ۾ خودڪشي جو لاڙو تمام گهڻو وڌي ويو آهي. هڪ معلومات مطابق صرف ڪراچيءَ ۾ روزانو ڇهن کان اٺ نوجوان خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. پسند جي شادي ٿيڻ يا نہ ٿيڻ سبب خاندانن ۾ پريشانيون ۽ والدين ۾ ذهني دٻاءُ ۽ جهڳڙا ايترا تہ وڌي وڃن ٿا. جو ڳالهيون خونريزين يا خانداني دشمنين تائين وڌي وڃن ٿيون. نوجوانن جو وڏو تعداد پنهنجي مستقبل جي منصوبہ بندي. ڪردار جي پختگي ۽ معياري تعليم طرف ڌيان ڏيڻ کان وڌيڪ زندگيءَ مان مزا ماڻڻ بابت سوچي رهيو آهي.

موجوده حالتن ۾ جنم وٺندڙ هڪ ٻئي ڇرڪائيندڙ سماجي مسئلي جو ڪجهہ ذڪر ڪرڻ پڻ لازمي آهي ۽ اهو آهي نوجوانن ۾ جنس تبديل ڪرڻ جي رجحان جو واڌارو هن وقت ترقي يافتہ ملڪن ۾ تمام وڏي مهم هلي رهي آهي تہ اتان جي ماڻهن کي قانوني حق ملن تہ هو جنس متائي سگهن. مثال طور مرد مان عورت. عورت مان مرد يا وري ٽئين جنس ٿيڻ تي ڪا قانوني پابندي نہ هجي ۽ ان سلسلي ۾ انهن جي اجا ئي مدد ڪئي وڃي. عبرتناڪ ڳالهہ اها بہ اهي تہ اسان جي ملڪ ۾ پڻ هي رجحان وڌي رهيو آهي.

هن قسم جون ڳالهيون ڪندي مان اهو پڻ سوچيان تہ اهي دوست جيڪي انساني حقن لاءِ ڪم ڪندا آهن. شايد مونکي ڇوندا هجن. يا وري اهو سمجهن تہ آءُ ڪنهن پنڊت جيان ڳالهائي رهيو آهيان. پر اهڙي ڳالهہ نہ آهي. ڇو تہ انسان ۽ جانور ۾ فرق ئي اهو آهي تہ انسان سماجي جانور آهي. هن ۾ زندگيءَ کي بهتر. سهڻو ۽ سنواريل گذارڻ جا گر هئڻ لازمي آهن. ها جيڪڏهن آزاديءَ جي حدن کان گذرندي انسان اهڙا حق جتائڻ جي ڪوشش ڪري. جيڪي جانورن جي عمل ۾ ايندا هجن تہ اها ذهني ترقي نہ پر ذهني پستي ليکي ويندي.

آخر ۾ آءُ نوجوانن، والدين ۽ استادن کي اها صلاح ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس ته، هو وقت ڪڍي اهو ضرور سوچين ته انهن سان وابسته نوجوان ڪهڙي طرف وڃي رهيا آهن؟ ڇو ته نوجوان سان جيڪو آئيندو ۽ شان آهي، ڪٿي ائين نه ٿئي جو آزاديءَ جي حدن کي اورانگهيندي اسان پستيءَ جي سفر ۾ هجون. (ورتل ڪاوش ميگزين، 15 آڪٽومبر 2014ع)